سنڌي ٻاراڻو ۽ پهرين ڪتاب

لاءِ

# استادن جو رهبر




اداره نصاب ۽ توسيع تعليم
سنڌ، حيدرآباد

تعاون:
يونيسيف پاڪستان

سنڌي ٻاراڻي ڪتاب ۽ پوڙهن ڪتاب
لاءِ

# استادن جو رهبر

**نگران اعليٰ:**

مسز شمس عباسي

**پاران:**

اداره نصاب ۽ توسيع تعليم سنڌ
۽ تعاون يونيسف پاڪستان



| ڇپجڻ جي تاريخ | ڇاپو | تعداد |
|---|---|---|
| آگسٽ 1980ع | پهو | 7000 |

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا
اداره نصاب ۽ توسيع تعليم سنڌ وٽ محفوظ آهن

**ليکڪ:**

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
الهداد ٻوهيو
محمد بچل ميمڻ
ولي محمد انصاري
رشيد احمد ميمڻ.

**ايڊيٽر ۽ سکيا صلاحڪار:**

محمد ابراهيم جويو

**نظرثاني ڪندڙ:**

محمد بچل ميمڻ

هيءُ ڪتاب پاپولر پرنٽرس، عبرت بلڊنگ گاڏي کاتي
حيدرآباد ۾ ڇپيو- نون 22217

# فهرست

## ٻاڱو ڀهريون

سنڌي پهريون ڪتاب


| نمبر | مضمون | صفحو |
| --- | --- | --- |
| 1 | ڪجهہ استاد جي خدمت ۾ | 1 |
| 2 | مهاڳ | 5 |
| 3 | سنڌي ٻولي پڙهائڻ جا مقصد | 15 |
| 4 | سنڌي ٻارائو ڪتاب پڙهائڻ لاءِ ڪجهہ مشورا | — |
| 5 | سبق پهريون | 22 |
| 6 | سبق ٻيو | 24 |
| 7 | سبق ٽيون | 26 |
| 8 | سبق چوٿون | 28 |
| 9 | سبق پنجون | 30 |
| 10 | سبق ڇهون | 32 |
| 11 | سبق ستون | 34 |
| 12 | سبق اٺون | 36 |
| 13 | سبق نائون | 38 |
| 14 | سبق ڏهون | 40 |
| 15 | سبق يارهون | 42 |
| 16 | سبق ٻارهون | 44 |
| 17 | سبق تيرهون | 46 |
| 18 | سبق چوڏهون | 48 |

| نمبر | مضمون | صفحو |
| --- | --- | --- |
| 19 | سبق پنځلسم | 49 |
| 20 | سبق شپاړسم | 50 |
| 21 | سبق اوولسم | 51 |
| 22 | سبق اتلسم | 52 |
| 23 | سبق نولسم | 53 |
| 24 | سبق شلم | 54 |
| 25 | سبق یوویشتم | 55 |
| 26 | سبق دوه ویشتم | 56 |
| 27 | سبق درویشتم | 57 |
| 28 | سبق څلرویشتم | 59 |
| 29 | سبق پنځه ویشتم | 60 |
| 30 | سبق شپږویشتم | 62 |
| 31 | سبق اوه ویشتم | 64 |
| 32 | سبق اته ویشتم | 66 |
| 33 | سبق نهه ویشتم | 67 |
| 34 | سبق دېرشم | 68 |
| 35 | سبق یودېرشم | 70 |
| 36 | سبق دوه دېرشم | 71 |
| 37 | سبق درې دېرشم | 72 |
| 38 | سبق څلوردېرشم | 73 |
| 39 | سبق پنځه دېرشم | 74 |
| 40 | سبق شپږدېرشم | 75 |
| 41 | سبق اوه دېرشم | 76 |
| 42 | سبق اته دېرشم | 77 |
| 43 | سبق نهه دېرشم | 78 |
| 44 | سبق څلوېښتم | 79 |

# ٻاڳو ڀيو

سنڌي پهريون ڪتاب


| نمبر | مضمون | صفحو |
|---|---|---|
| — | پيش لفظ | 80 |
| 1 | سبق پهريون | 82 |
| | گيت ڏڻيءَ جا ڳڌجي ڳايون (بيت) | |
| 2 | سبق ٻيو | 84 |
| | الله سائين | |
| 3 | سبق ٽيون | 86 |
| | آمڙ | |
| 4 | سبق چوٿون | 88 |
| | جهو جهو ماڻي (بيت) | – |
| 5 | سبق پنجون | 90 |
| | طوطو | |
| 6 | سبق ڇهون | 92 |
| | اسان جو گهر | |
| 7 | سبق ستون | 94 |
| | پئسو لڏم پٽ تان (بيت) | |
| 8 | سبق اٺون | 96 |
| | پاڻي | |
| 9 | سبق ناڏون | 98 |
| | انب | |
| 10 | سبق ڏهون | 100 |
| | هوا ۽ آس | |
| 11 | سبق يارهون | 102 |
| | اچو ڙي ٻارو (بيت) | |

| نمبر | مضمون | صفحو |
|---|---|---|
| 12– | سبق ٻارهون<br>منهنجو ڪتاب | 104 |
| 13– | سبق تيرهون<br>سنڌ سونهاري | 106 |
| 14– | سبق چوڏهون<br>ننڍڙا منڙا سهڻا ٻار (بيت) | 108 |
| 15– | سبق پندرهون<br>هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ | 110 |
| 16– | سبق سورهون<br>لڪ لڪوٽي | 112 |
| 17– | سبق سترهون<br>منڙا گهوڙا اوري آءُ (بيت) | 114 |
| 18– | سبق ارڙهون<br>بدن جي صفائي | 116 |
| 19– | سبق اوڻيهون<br>ڳالهه ٻولهه | 118 |
| 20– | سبق ويهون<br>جو ڪير ٻئي سو وير ٿئي (بيت) | 119 |
| 21– | سبق ايڪيهون<br>اسان جو ڪتاب | 121 |
| 22– | سبق ٻاويهون<br>منهنجو ياءُ | 123 |
| 23– | سبق ٽيويهون<br>اسان جا ساٿي | 125 |
| 24– | سبق چوويهون<br>واه ڙي تارا (بيت) | 127 |

(د) اهو ئي سبب آهي، جو اُستاد جي پنهنجي معيار بهتر ڪرڻ لاءِ هن ڪتاب ۾ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ۽ هرهنڌ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته خاص ڪري مادري ٻولي، پاڙهڻ جي باري ۾ اُستاد پنهنجي ذميواري ڪهڙيءَ ريت پوري ڪري.

(هہ) سنڌي مادري ٻولي پاڙهڻ وارو اُستاد اهو آهي:

(1) جنهن جي مادري ٻولي سنڌي آهي؛

(2) جيڪو ٻارن به پنهنجي شاگردن جي ماحول جو مانُهو آهي ۽ گهڻو ڪري سندن ڳوٺائي ۽ ذاتيطور تي واقفڪار ۽ هڏ ڏوکي آهي؛

(3) جيڪو ٻارن جي مائٽن جون همدرديون به حاصل ڪري ٿو؛

(4) جيڪو پاڻ سنڌي ٻولي پڙهيو آهي ۽ سنڌيءَ ۾ تعليم حاصل ڪري روزگار به حاصل ڪري رهيو آ ته خدمت به؛

(5) جيڪو ڳوٺن توڙي شهرن ۾ هرهنڌ ڇاتل سڃاتل ۽ مان وارو ليکجي ٿو؛

(6) جيڪو ايتري اهميت رکي ٿو، جو ٻارن بابت نهايت ئي اهم فيصلا به ڪري ٿو سگهي ۽ انهن مان هرڪ جي، ذاتي زندگيءَ ۾ به وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو سگهي؛

(7) جنهن پاڻ پاڙهڻ جي تربيت به ورتي آهي؛

(8) جيڪو هر طرح سان انهيءَ جي لائق آهي ته هو ٻارن تي پنهنجي ڪردار ۽ شخصيت سان اثرانداز ٿي سگهي.

کي بهتر ڪارڪردگيءَ لاءِ، جنهن جي ملڪ کي وڏي ضرورت آهي، تيار ڪري سگهجي ٿو؛

(ح) اڄوڪو تہ بوليءَ اُکي هنن مقصدن سان پاڙهيون تہ جيئن:

(1) هيءَ ماڪي اڏاوت ۾ وڌ ۾ وڌ مدد ڏئي.

(2) ماڻهن جي انرادي سگهہ ۽ قوت وڌائي.

(3) ٻارن جي ذاتي جوهر کي آپاري.

(3) عام طور تي مادري ٻوليءَ جي تعليم جا مقصد هن ريت آهن:

(الف) تمام سٺو ڳالهائي سگهڻ.

(ب) سٺي ۽ اُتم درجي جي ٻولي سکڻ.

(ج) سٺي ۽ اُتم درجي جي ٻولي لکي سگهڻ، ۽ سٺا اکر لکڻ.

(د) ٻوليءَ جي حسن ۽ خوبيءَ کي پنهنجي چاڻ وڌائڻ، شخصيت اُسارڻ ۽ ڏهاڙي جي زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ ضرورتن جي پورائي ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻڻ.

(هه) ٻوليءَ جو ثقافتي مواد يا سماجي حصو سمجهڻ ۽ سمجهائڻ.

انهن سڀني مقصدن مان هرهڪ کي جدا جدا درجن ۾ ورهائي سگهبو، ۽ وري انهن کي اسڪولي تعليم جي جدا جدا درجن تي حاصل ڪري سگهبو. ان ڪري منڍ ۾ اسان کي فقط آهي مقصد خيال ۾ رکڻا آهن، جيڪي ٻارائي ۽ ٻهرئين درجي جي ٻار جي عمر ۽ تجربي جي خيال کان ضروري آهن. هن خيال کان آهي مقصد هن ريت ٿي ٿا سگهن:

(1) ٻارن کي اسڪول کان اڳ ۾ پرايل ٻوليءَ جي تجربي مان ڪم وٺڻ جو موقعو ڏيڻ.

(2) پڙهڻ سيکارڻ.

(3) لکڻ سيکارڻ.

(4) ٻارن ۾ ٻوليءَ جي استعمال جو چاهه پيدا ڪرڻ.

جيئن اڳ ۾ به لکيو ويو آهي، هنن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ رڳو خيالي ۽ سطحي سوچ کان ڪم وٺڻو نه آهي. هاڻي اسان کي انهن مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ جن ڳالهين کان ڪم وٺڻو آهي، سي هي آهن:

(10) لکيل يا ڳالهايل ٻوليءَ جي عمدن ۽ سهڻن نمونن کي سانديي رکڻ.
(11) پيٽ يا مقابلي جو اندروني سرشتو.
(12) پرک جو سداريل جديد طريقو (A Modern Language Testing Programme) (هن باري ۾ وڌيءَ تحقيق جي ضرورت آهي.)
(13) سوچڻ ۽ لوچڻ سان پاڙهڻ ۾ ڪم ايندڙ شيون مقامي طور تي تيار ڪرڻ.
(14) قومي تدريسي سامان (National Teaching Kit) مهيا ڪيل اکرن جي جدا، گڏيل ۽ مرڪبات وارين صورتن جي ڪاردن، اسٽينسان، سبقن جي چارٽن وغيره جو پورو استعمال ڪرڻ.
(15) تعليمي مسئلن ۾ اسڪول کي پاڳي پائيوار بنائڻ.

**سنڌي ٻولي پڙهائڻ جا مقصد:** ابتدائي سطح تي، خصوصاً پهرئين ڪلاس ۾ سنڌي ٻوليءَ پڙهائڻ جا مجموعي مقصد آهن، ته ٻارن کي انهيءَ ڳالهه جي لائق بنايو وڃي ته هو:

(1) شين جو غور سان مشاهدو ڪري، انهن کي پروڙي ۽ انهن ۾ فرق محسوس ڪري سگهن.
(2) ڌيان سان ٻڌي سگهن، ٻڌل ڳالهه کي سمجهي ۽ پرکي سگهن ۽ ضرورت آهر ياد رکي سگهن.
(3) صاف ۽ صحيح ٻولي ڳالهائي سگهن.
(4) آسان جملن کي سمجهه ۽ روانيءَ سان پڙهي سگهن.
(5) ننڍين ننڍين بيتن ۽ گيتن سان لطف اندوز ٿي سگهن.
(6) اکرن کي ڌار ڌار ۽ وٽي چڱيءَ اهڙيءَ طرح

لکي سگهن، جو صاف پڙهي سگهجي.

(7) ڪتاب ۾ پڙهيل لفظن ۽ جملن کي نقل ڪري سگهن ۽ صحيح صورتخطي لکي سگهن.

نوٽ:- تفصيلي مقصدن لاءِ پهرئين ڪلاس جو نصاب ڏنو وڃي.

# سنڌي ٻاراڻو ڪتاب پڙهائڻ لاءِ ڪجهه مشورا

**ابتدائي تياري:** ٻوليءَ جي حصول جو عمل هونئن ته ٻارن جي پيدائش جي پهرئين سال جي شروعات ۾ ٿئي ٿو، پر رسمي طور ٻوليءَ سکڻ جو آغاز انهيءَ وقت شروع ٿئي ٿو، جڏهن 5 سالن جا ٻار پهرئين ڪلاس ۾ داخل ٿين ٿا. هن عمر جا ٻار پنهنجي ماحول مان گهڻو ڪجهه سکي اچن ٿا ۽ پنهنجي مادري زبان جي به چڱي ڄاڻ رکن ٿا.

هن عمر جا ٻار قسمين قسمين شين جي نالن کان واقف هوندا آهن ۽ کين ڪيترين شين جي ضرورت ۽ استعمال بابت به معلومات هوندي آهي ۽ انهن متعلق هو پنهنجي ٻوليءَ ۾ خيالن جو اظهار به ڪري سگهندا آهن.

انهيءَ ڪري پڙهڻ سيکارڻ کان اڳ پهريان چار هفتا ٻارن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ دلچسپ نموني جي ڳالهين ٻولهين ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪجن.

ننڍيون ننڍيون وڻندڙ آکاڻيون ٻڌائجن ۽ سندن واقفيت آهر کانئن ننڍا ننڍا سوال به ڪجن. ڳالهين ٻولهين ڪرڻ ۽ آکاڻين ٻڌائڻ وقت ٻارن کي ماحول سان واسطو رکندڙ رنگين تصويرون ڏيکارجن ۽ سمجهائجن ۽ کين انهن تي پنهنجي خيالن جي اظهار جو موقعو به ڏيڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان هڪ ته ٻار اسڪول جي ماحول سان مانوس ٿيندا ۽ ٻيو منجهن پنهنجي ٻوليءَ سکڻ جو شوق پيدا ٿيندو.

(2) الف ـ ب جي اکرن متعلق تصويري چارٽ جون ڏار ڏار تصويرون .
(3) الف ـ ب جي اکرن جو چارٽ .
(4) الف ـ ب جي جدا جدا اکرن لکيل پاڻي جا ڪارڊ (تدريسي ڪٽ)
(5) الف ـ ب جي مڪمل ڪَڪِر جو چارٽ .
(6) الف ـ ب جي ڏار ڏار اکرن جي ڪَڪِر جا پاڻي جا ڪارڊ .
(7) اکرن جي گڏيل صورتن جا ڪارڊ (تدريسي ڪٽ)
(8) اکرن جي مرڪب صورتن جا ڪارڊ (تدريسي ڪٽ)
(9) اکرن جون اسٽينسلون (تدريسي ڪٽ)
(10) ڪتاب ۾ ڏنل سبقن جا چارٽ .
(11) مختلف تدريسي راندين جوڙوڪ :
گول چڪر واري راند، ٽيليويزن راند وغيره .
(12) فلينل بورڊ .
(13) ڪارو چٽو بورڊ ۽ رنگين چاڪ .

**ڪڪ سيکارڻ:**

ڪتاب ۾ فقط ڏهن اکرن جي × ڪَڪِ نموني طور ڏنل آهي. پر استاد صاحب کي گهرجي ته الف ـ ب جي سمورن اکرن جي ڪَڪِر چارٽ ۽ پاڻي جي ڪارڊن جي مدد سان ٻارن کي ذهن نشين ڪرائي. ڪَڪِ سيکارڻ وقت ٻارن کان ڪَڪِ جا آواز هميشه روان ڪرائجن ۽ هجي ڪڍهن به نه پڙهائجن. مثلا : آ ـ ب وغيره پڙهائجي ۽ نه الف زبر آ يا ب زبر ب چوائجي. ڇاڪاڻ جو هجي پڙهائڻ سان هڪ ته ٻارن لاءِ مونجهارو ٿئي ٿو، ٻيو ته ٻارن جو وقت وڃي ٿو تيون خاص سبب اهو آهي جو هي بلڪل هڪ غير فطرتي طريقو آهي.

# سبق پهريون

**مقصد:**

(1) ٻارن جي اڳي پرايل ٻوليءَ جي تجربي کي پڙهڻ جي ڪم لاءِ استعمال ڪرڻ.

(2) حرف علت جي زير واري آواز جي مدد سان لفظن ۽ اکرن جي خطي صورتن جي ڄاڻ ڏيڻ ۽ پڙهائڻ.

(3) آوازن جي مدد سان لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب وارين تصويرن جا وڏا چارٽ.

(2) سبق وارن لفظن ۽ انهن جي آوازن سان مشابهت رکندڙ مختلف آوازن ۽ لفظن جو رنگين چارٽ.

(3) پٽي جا ڪجهه ڪارڊ جن تي سبق ۾ ڪم آيل آواز ۽ لفظ لکيل هجن.

(4) بورڊ ۽ رنگين چاڪ.

(5) تدريسي ڪٽ ۾ مليل ڪارڊ ۽ ابتينيلون.

**پڙهائي جو طريقو:**

(1) تصويري چارٽ ڏيکاري ڪَٽَ ۽ ٻڪري لفظ جملي ۾ مختلف ٻارن کان چوائجن: مثلاً "هيءَ ڪَٽَ آهي" — "هيءَ ٻڪري آهي".

(2) آوازن جو رنگين چارٽ ڏيکاري "ڪَٽَ" لفظ جا جدا جدا آواز ٻارن کان چوائجن ۽ ڪ ۽ ٽ جا آواز

موجود ڪيل چارٽ ۽ پاڻي جي ڪارڊن تان ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکجن.

(3) ڪَٽَ لفظ ٻارن کان چارٽ ۽ ڪارڊن تان سڃاڻائي ٻارن کان اچارائي بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائجي.

(4) "ٻَڪَرُ" لفظ ساڳئي طريقي سان ٻارن کان آوازن ذريعي چارٽ ۽ ڪارڊن جي مدد سان سڃاڻائي ڇورائي بورڊ تي لکجي ۽ پڙهائجي.

(5) ٻئي لفظ مڪمل طرح بورڊ تي لکجن ۽ ٻارن کان پڙهائجن.

(6) آخر ۾ سبق جا سمورا لفظ ٽن ٽن ٻارن کان گڏي پڙهائجن.

## عملي ڪم:

(1) ڪ ۽ ٻ جون جدا جدا صورتون بورڊ تي لکي ٻارن کان سليٽن تي لکائجن.

(2) ٻ، ٽ، ڪ ۽ ڳ اکر ٻارن کان ڪاپين يا سليٽن تي لکائجن.

(3) تدريسي ڪٽ ۾ ڏنل اکرن جي گڏيل صورتن وارن ڪارڊن جي مدد سان لفظ "ڪَٽَ" ۽ "ٻَڪَرُ" ٺهرائجي.

(4) تدريسي ڪٽ ۾ ڏنل اکرن جي استعمال جي مدد سان اکرن ٺاهڻ جي مشق ڪرائجي.

(5) اکرن ڪ، ٽ، ٻ ۽ ڳ جون منڍ واريون ۽ پويون صورتون سيکاري ڪارڊن جي مدد سان هيٺيان لفظ ٺهرائجن: ٻَٽَ، ٽَپَ، ٻَڪَ.

# سبق ڇهون

**مقصد:**

(1) اڳي سکيل ٻوليءَ جي مدد سان پڙهڻ سيکارڻ.
(2) حرف علت جي ڊگهن آوازن (آ) جي مدد سان لفظن ۽ اکرن جي خطي صورتن جي ڄاڻ ڏيڻ.
(3) اڳي پڙهيل سبق جي آوازن جي مدد سان نون آوازن وارا لفظ سيکارڻ.
(4) سکيل لفظ سکڻ ۽ انهي پڙهڻ ۽ لکڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب وارين تصويرن جا وڏا چارٽ.
(2) سبق وارن لفظن آوازن ۽ انهن سان مشابهت رکندڙ مختلف آوازن ۽ لفظن جو رنگين چارٽ.
(3) پاڻي جا ڪجهه ڪارڊ جن تي سبق ۾ ڪم آيل آواز ۽ لفظ لکيل هجن. (تدريسي ڪٽ ۾ مليل ڪارڊ ۽ اسٽينسلون.
(4) ڪارو بورڊ ۽ رنگين چاڪ.

**پڙهائي جو طريقو:**

(1) تصويري چارٽ ڏيکاري "آنا" ۽ "پاوا" لفظ جملن ۾ ٻارن کان چوائجن: "هي آنا آهن"- "هي پاوا آهن".
(2) آوازن جو رنگين چارٽ ڏيکاري "آنا" لفظ جا جدا جدا آواز ٻارن کان چوائجن ۽ "آ ۽ نا" آواز موجود ڪيل

چارٽ ۽ پاڻي جي ڪارڊن تان ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکجن.

(3) "پاوا" لفظ ٻه آوازن ذريعي ساڳئي طريقي سان سيکارجي.

(4) "آنا ۽ پاوا" لفظ مڪمل طرح چارٽ ۽ ڪارڊن ذريعي سڃاڻائي ٻارن کان اچارائي بورڊ تي اکي پڙهائجن.

(5) سبق جا سمورا لفظ ٿن ٿن ۽ چئن چئن ٻارن کان گڏي پڙهائجن.

**عملي ڪم:**

(1) نون اکرن (الف-ن) جون منڍ واريون ۽ آخري صورتون سيکاري ڪارڊن جي مدد سان هيٺيان لفظ لکڻ سيکارجن: ٻن، نانا.

(2) اڳي سکيل آوازن ۽ نون سکيل حرفن جي مدد سان لفظ (وٽ، ڳانا) لکڻ سيکارجن.

# سبق ٽيون

**مقصد:**

(1) وڌيڪ لفظ پڙهڻ ۽ اڳي سکيل آواز استعمال ڪرڻ.
(2) حرفِ علت جي زير، واري آواز جي مدد سان لفظن ۽ اکرن جون خطي صورتون سيکارڻ.
(3) اڳي سکيل آوازن جي مدد سان نون آوازن وارا لفظ سکڻ.
(4) زير ۽ زبر جي مشابهت سان اکرن جون صوتي صورتون استعمال ڪرائجن.
(5) نوان لفظ سکڻ ۽ اهي پڙهڻ ۽ لکڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب وارين تصويرن جا وڏا چارٽ.
(2) سبق وارن لفظن آوازن ۽ انهن سان مشابهت رکندڙ مختلف آوازن ۽ لفظن جا رنگين ڪارڊ (تدريسي ڪٽ ۾ مليل ڪارڊ ۽ اسٽينسلون).
(3) سبق ۾ ڪم آيل آوازن ۽ لفظن لکيل پاٽي جا چارٽ.
(4) ڪارو بورڊ ۽ رنگين چاڪ.

**پڙهائيءَ جو طريقو:**

(1) تصويري چارٽ ڏيکاري "چِٽ" ۽ "ڏِڏر" لفظ جملن ۾ ٻارن کان چوائجن: "هيءَ چِٽ آهي"- "هيءَ ڏِڏر آهي". ساڳئي وقت ڪلاس جي چِٽ ڏانهن اشارو ڪري جملي ۾ چوائجي.

(2) آوازن جو رنگين چارٽ ڏيکاري ”ڇيٽ ۽ ٽيڏ“ لفظن جا جدا جدا آواز ٻارن کان چوائجن ۽ آهي آواز چارٽ ۽ ٻاني جي ڪارڊن تان مختلف ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ چوائجن.

(3) آواز سڃاڻائي ٻارن کان چوائي رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکجن.

(4) ان بعد لفظ ڇيٽ ۽ ٽيڏ چارٽ ۽ ڪارڊن تان ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ چوائجن ۽ رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائجن.

(5) آخر ۾ سبق جا سمورا لفظ ٽن ٽن ٻارن کان گڏي پڙهائجن.

## عملي ڪم:

(1) بنيادي لفظن جا جدا جدا حصا ڪاٺين، ٽيلين وغيره سان ٻارن کان جوڙائجن.

(2) اکرن جي آڳاٽيل صورتن وارن ڪارڊن جي مدد سان لفظ (ڇيٽ، ٽيڏ، ڇڏ، ڇٽ، ٻٽ) جوڙائجن. (قومي تدريسي ڪٽ ۾ مليل ڪارڊن جو استعمال).

(3) قومي تدريسي ڪٽ ۾ مليل اسٽينسلن جي مدد سان لفظ لکڻ سيکارجن.

(4) ”ڇيٽ“ ۽ ”ٽيڏ“ جون جدا جدا صورتون ٻارن کان سليٽن تي لکائجن.

# سبق چوڏون

**مقصد:**

(1) اکيي سکيل لفظ استعمال ڪرڻ ۽ انهن جي مدد سان وڏيڪ پڙهڻ.
(2) حرف علت جي پيش واري آواز جي مدد سان لفظن ۽ اکرن جون خطي صورتون سيکارڻ.
(3) زير، زبر ۽ پيش جي مٽا سٽا سان اڳي سکيل اکرن جون صوتي صورتون استعمال ڪرائڻ.
(4) اڳي سکيل آوازن جي مدد سان نون آوازن وارا لفظ سکڻ.
(5) نوان لفظ سکڻ ۽ اهي پڙهڻ ۽ لکڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب وارين تصويرن جا وڏا چارٽ.
(2) سبق وارن لفظن آوازن ۽ انهن سان مشابهت رکندڙ مختلف آوازن ۽ لفظن جا رنگين چارٽ (قومي تدريسي ڪٽ سان).
(3) پاڻي جا ننڍا ڪارڊ جن تي سبق وارا لفظ ۽ آواز لکيل هجن.
(4) ڪارو بورڊ ۽ رنگين چاڪ.

**پڙهائي جو طريقو:**

(1) تصويري چارٽ ڏيکاري "اٽ" ۽ "پڪ" لفظ جملن ۾ ٻارن کان چوائجن مثلاً: "هيءَ اٽ آهي". "هيءَ

ٻڪ آهي". ساڳئي وقت جنسي ٻڪ ٿاهي جملي ۾
لفظ طور استعمال ڪرائجي.

(2) آوازن جو رنگين چارٽ ڏيکاري "اَٽ ۽ ٻڪ" لفظن جا جدا جدا آواز ٻارن کان چوائجن ۽ اهي آواز چارٽ ۽ پاٽي جي ڪارڊن تان ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ چوائجن.

(3) لفظن جا آواز سڃاڻائي، ٻارن کان چوائي، رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکجن ۽ پڙهائجن.

(4) ان بعد لفظ "اَٽ ۽ ٻڪ" چارٽ ۽ ڪارڊن تان ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ چوائجن ۽ رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائجن.

(5) آخر ۾ سبق جا سمورا لفظ ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ تن تن ٻارن کان نڌي پڙهائجن.

## عملي ڪم:

(1) اکرن جي جدا تبديل صورتن وارن ڪارڊن جي مدد سان لفظ (اَٽ ۽ ٻڪ) ڀرائجن.

(2) آ، ا، اَ، آ وارن شڪيل آوازن جي مدد سان لفظ (آڪر، ڪنُ، ڪاٽ، ٻچ) ڪارڊن مان جوڙائجن.

(3) قومي تدريسي ڪٽ ۾ مايل اسٽينسلن جي مدد سان اکرن ۽ لفظن جون خطي صورتون لکڻ سيکارجن.

# سبق پنجون

**مقصد:**

(1) اکيلي سکيل لفظن ۽ آوازن جو استعمال ڪرڻ ۽ وڌيڪ پڙهڻ.
(2) حرف جي "او" ۽ "اِي" آوازن جي مدد سان لفظن ۽ اکرن جون خطي صورتون سيکارڻ.
(3) نون حرف علت جي آوازن ۽ اڳيئي سکيل آوازن جي مٿا مٿا سان اکرن جون صوتي صورتون استعمال ڪرائڻ.
(4) اڳيئي سکيل لفظن ۽ آوازن جي مدد سان نوان لفظ سکڻ.
(5) نوان لفظ سکڻ ۽ اهي پڙهڻ ۽ لکڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب وارين تصويرن جا وڏا چارٽ ۽ جنسي ٽوپي.
(2) سبق وارن لفظن، آوازن ۽ انهن سان مشابهت رکندڙ ٻين لفظن ۽ آوازن جا رنگين چارٽ (قومي تدريسي ڪِٽ مان).
(3) ٻاڻي جا ننڍا ڪارڊ جن تي سبق وارا لفظ ۽ آواز لکيل هجن.
(4) ڪارو بورڊ ۽ رنگين چاڪ.

**پڙهائي جو طريقو:**

(1) تصويري چارٽ ۽ جنسي ٽوپي ۽ کوني ڏيکاري "ٽوپي" ۽ "کوني" لفظ جملن ۾ ٻارن کان چوائجن مثلاً: "هيءَ ٽوپي آهي" "هيءَ کوني آهي."

(2) آوازن جو رنگين چارٽ ڏيکاري ”ٽوپي“ ۽ ”ڪوني“ لفظن جا جدا جدا آواز ٻارن کان چوائجن ۽ اهي آواز چارٽ ۽ پاڻي جي ڪارڊن تان ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ چوائجن.

(3) ٻنهي لفظن جا آواز سڃاڻائي ٻارن کان چوائي رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکجن ۽ پڙهائجن.

(4) ان بعد ”ٽوپي“ ۽ ”ڪوني“ مڪمل لفظ چارٽ ۽ ڪارڊن تان ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ ٻارن کان چوائجن ۽ رنگين چارٽ سان بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائجن ٿن ٿن ٻارن کان گڏجي پڙهائجن.

آخر ۾ سبق جا سمورا لفظ ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ ٿن ٿن ٻارن کي گڏجي پڙهائجن.

## عملي ڪم:

سبق جا سڀ پڙهيل لفظ ٻارن کان ڪاپين يا سليٽن تي لکائجن ۽ سندن غلطيون انفرادي طرح درست ڪجن.

(1) اکرن جي گڏيل صورتن واري ڪارڊن جي مدد سان لفظ (ٽوپي ۽ ڪوني) ٺهرائجن.

(2) آ، اِ، او، اي وارن سکيل آوازن جي مدد سان لفظ (ڪوٽ، گوٽ، ڇٽي، ٻوٽي، ڪوڏي) ڪارڊن مان جوڙائجن.

(3) قومي تدريسي ڪتاب ۾ ڏنل استعمال جي مدد سان لفظ لکڻ سيکارجن.

# سبق ڇهون

**مقصد:**

(1) اکري سکيل آوازن ۽ نون آوازن جو استعمال ڪرڻ ۽ وڌيڪ پڙهڻ.
(2) حرف علت ”آو“ آواز جي مدد سان لفظن ۽ ا ڪرن جون خطي صورتون سيکارڻ.
(3) اڳي سکيل لفظن ۽ آوازن جي مدد سان نوان لفظ لکڻ.
(4) نوان لفظ سکڻ ۽ اهي پڙهڻ ۽ لکڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب، وارين تصويرن جا وڏا چارٽ ۽ جنسي بوٽ ۽ صوف.
(2) سبق وارن لفظن، آوازن ۽ انهن جهڙن بين لفظن ۽ آوازن جا رنگين چارٽ (قومي تدريسي ڪِٽ مان).
(3) پاڻي جا نديا ڪارڊ جن تي سبق وارا لفظ ۽ آواز لکيل هجن.
(4) ڪارو بورڊ ۽ رنگين چاڪ.

**پڙهائي جو طريقو:**

(1) تصويري چارٽ ۽ جنسي بوٽ ۽ صوف ڏيکاري ”بُوٽ ۽ صُوف“ لفظ جملن ۾ بارن کان چوائجن جيئن ته ”هيءَ بُوٽ آهن“ ”هيءَ صُوف آهن.“
(2) آوازن جو رنگين چارٽ ڏيکاري ”بُوٽ ۽ صُوف“

لفظن جا جدا جدا آواز ٻارن کان چوائجن ۽ اهي آواز چارٽ ۽ پاٽي جي ڪارڊن تان ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ چوائجن.

(3) ٻنهي لفظن جا آواز سڃاڻائي، ٻارن کان چوائي رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکجن ۽ پڙهائجن.

(4) ان کان پوءِ "ٻوٽ ۽ صوف" لفظ چارٽ ۽ ڪارڊن تان ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکي ڪانئن پڙهائجن.

(5) آخر ۾ سبق جا سمورا لفظ ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ ٽن ٽن ٻارن کان گڏي پڙهائجن.

## عملي ڪم:

(1) قومي تدريسي ڪتاب ۾ مليل مرڪبات ۽ اکرن جي جدا صورتن وارن ڪارڊن جي مدد سان لفظ (ڏوٽ، صوف، صاف، ٻوٽي، ٽوٽ، ڪوڪ) ٺهرائجن.

(2) استينسلن جي مدد سان لفظ لکڻ سيکارجن.

(3) سبق جا سڀ پڙهيل لفظ ٻارن کان ڪاپين يا سليٽن تي لکائجن ۽ سندن غلطيون انفرادي طرح درست ڪجن.

# سبق ستون

**مقصد:**

(1) اکي سکيل لفظن ۽ آوازن جو استعمال ڪرڻ ۽ وڌيڪ پڙهڻ.
(2) حرف علت جي "اي" واري آواز جي مدد سان ٺاهيل لفظن جون خطي صورتون سيکارڻ.
(3) نئين حرف علت جي آواز ۽ اڳي سکيل آوازن جي مٽا سٽا سان ٺهيل لفظن جون صوتي صورتون استعمال ڪرڻ.
(4) اڳي سکيل لفظن ۽ آوازن جي مدد سان نوان لفظ سکڻ.
(5) نوان لفظ سکڻ ۽ اهي پڙهڻ ۽ لکڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب وارين تصويرن جا وڏا چارٽ.
(2) سبق وارن لفظن، آوازن ۽ انهن جهڙن ٻين لفظن ۽ آوازن جا رنگين چارٽ.
(3) پائي جا ننڍا ڪارڊ جن تي سبق وارا لفظ ۽ آواز لکيل هجن.
(4) ڪارڊ بورڊ ۽ رنگين چاڪ.

**پڙهائي جو طريقو:**

(1) تصويري چارٽ ڏيکاري "پير ۽ ڍيل" لفظ جملن ۾ ٻارن کان چوائجن. "هي پير آهن" "هي ڍيل آهي" ساڳئي وقت "پير" ڏيکاري جملي ۾ چوائجن.

(2) آوازن جو رنگين چارٽ ڏيکاري "پيرَ ۽ ڊيلَ" لفظن جا جدا جدا آواز ٻارن کان چوائجن ۽ ساڳيا آواز چارٽ ۽ پاڻي جي ڪاردن تان ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ چوائجن.
(3) لفظن جا آواز سڃاڻائي ٻارن کان چوائي رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکجن ۽ پڙهائجن.
(4) ان بعد الفاظ "پيرَ ۽ ڊيل" چارٽ ۽ ڪاردن تان ٻارن کان سڃاڻائي چوائجن ۽ رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائجن.
(5) آخر ۾ سبق جا سمورا لفظ ٻارن کان سڃاڻائي اُن تن ٻارن کان گڏي پڙهائجن.

**عملي ڪم:**
(1) "ڊ" جي وچ واري صورت ٻارن کان سليٽن تي لکائجي.
(2) اي، آ، اِ وارن آوازن جي مدد سان لفظ (پيرَ، ڊيل، ٻارَ، وَل، لٺ، پيرَ) ڪاردن سان جوڙائجن.
(3) قومي تدريسي ڪٽ ۾ مليل اسٽينسلن جي مدد سان لکڻ سيکارجي.
(4) سبق جا سمورا پڙهيل لفظ ٻارن کان ڪاپين يا سليٽن تي لکائجن ۽ چڪاس ڪري سندن غلطيون درست ڪجن.

# سبق اڏون

**مقصد:**

(1) اڳي سکيل لفظن ۽ آوازن جو استعمال ڪرڻ ۽ وڌيڪ پڙهڻ.

(2) نون اکرن "ھ" ۽ "ت" ۽ اڳي سکيل اکرن جي مدد سان نوان لفظ ٺاهي سگهڻ.

(3) نوان لفظ سکڻ ۽ ڳالهين لکڻ پڙهڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب وارن تصويرن جا وڏا چارٽ.

(2) سبق وارن لفظن، آوازن ۽ انهن جوڙن مان لفظن ۽ آوازن جا رنگين چارٽ (قومي تدريسي ڪٽ).

(3) ٻارن جا ٺاهيا ڪارڊ جن تي سبق وارا لفظ ۽ آواز لکيل هجن.

(4) ڪارو بورڊ ۽ رنگين چاڪ.

**پڙهائي جو طريقو:**

(1) تصويري چارٽ ڏيکاري ۽ جيئن "ھَٽُ" ۽ "پٽ" ڏيکاري ٻئي لفظ جملن ۾ ٻارن کان چوائجن جيئن تہ "ھي ھَٽُ آھي" "ھيءُ پٽ آھي."

(2) آوازن جو رنگين چارٽ ڏيکاري "ھَٽُ ۽ پٽ" لفظن جا جدا جدا آواز ٻارن کان چوائجن ۽ ساڳيا آواز چارٽ ۽ ٻاني جي ڪارڊن تان ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ چوائجن.

(3) لفظن جا آواز سجاڻائي ٻارن کان چوائي رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکائجن ۽ پڙهائجن.
(4) ان بعد "هٽ ۽ پيٽ" لفظ چارٽ ۽ ڪارڊن تان ٻارن کان سجاڻائي چوائجن ۽ رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائجن.
(5) آخر ۾ سبق جا سمورا لفظ ٻارن کان سجاڻائي ڌار ڌار ٻارن کان گڏي پڙهائجن.

**عملي ڪم:**

(1) ڪارڊن جي مدد سان سبق ۾ ڄاڻايل لفظ جوڙائجن.
(2) سبق جا سمورا پڙهيل لفظ ٻارن کان ڪاپين يا سليٽن تي لکائجن.

# سبق ناڱون

**مقصد:**

(1) اڳ سکيل لفظن ۾ آوازن جو استعمال ڪرڻ ۾ وڌيڪ پڙهڻ.
(2) حرف علت جي "اي" آواز جي مدد سان چار اکرا لفظ سکيارڻ.
(3) اڳي سکيل آوازن ۾ لفظن جي مدد سان نوان لفظ سکڻ.
(4) نوان لفظ ۾ آواز سکڻ ۾ اهي لکڻ پڙهڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب وارين تصويرن جا وڏا چارٽ ۾ جنسي شيشي ۾ سيٽي.
(2) سبق وارن لفظن، آوازن ۾ انهن سان مشابهت رکندڙ ٻين آوازن ۾ لفظن جو رنگين چارٽ.
(3) پاٽي جا ننڍا ڪارڊ جن تي سبق وارا لفظ ۾ آواز لکيل هجن.
(4) ڪارو بورڊ ۾ رنگين چاڪ.

**پڙهائي جو طريقو:**

(1) تصويري چارٽ ڏيکاري ۾ جنسي سيٽي ۾ شيشي ڏيکاري ٻئي لفظ جملن ۾ ٻارن کان چوائجن: مثلاً جيئن ته "هيءَ سيٽي آهي" "هيءَ شيشي آهي".
(2) آوازن جو رنگين چارٽ ڏيکاري "سيٽي ۾ شيشي"

لفظن جا جدا جدا آواز ٻارن کان چوائجن ۽ ساڳيا آواز چارٽ ۽ ڀاڻي جي ڪارڊن تان ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ چوائجن.

(3) لفظن جا آواز سڃاڻائي ٻارن کان چوائي رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکائجن ۽ پڙهائجن.

(4) ان بعد "سيٽي ۽ شيشي" مڪمل لفظ چارٽ ۽ ڪارڊن تان ٻارن کان سڃاڻائي چوائجن ۽ رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائجن.

(6) آخر ۾ سبق جا سمورا لفظ ٻارن کان سڃاڻائي ٽن ٽن ٻارن کان گڏي پڙهائجن.

## عملي ڪم:

(1) "سيـ" ۽ "ٽي" جي جدا جدا صورتن وارن ڪارڊن جي مدد سان لفظ جوڙائجي.

(2) "شيـ" ۽ "شي" جي جدا جدا صورتن وارن ڪارڊن جي مدد سان لفظ جوڙائجن.

(3) "سيـ" ۽ "شيـ" جون جدا جدا صورتون ٻارن کان سليٽن تي لکائجن.

(4) سبق جا سمورا پڙهيل لفظ ٻارن کان ڪاپين يا سليٽن تي لکائجن ۽ چڪاس ڪري سندن غلطيون درست ڪجن.

# سبق ڏهون

**مقصد:**

(1) اڳ سکيل لفظن ۽ آوازن جو استعمال ڪرڻ ۽ وڌيڪ پڙهڻ.

(2) حرف علت جي سکيل آوازن جي مشابهت جي مدد سان لفظ سيکارڻ.

(3) نوان لفظ سکڻ ۽ آهي لکڻ پڙهڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب وارين تصويرن جا وڏا چارٽ.

(2) سبق وارن لفظن، آوازن ۽ انهن سان مشابهت رکندڙ ٻين آوازن ۽ لفظن جو رنگين چارٽ.

(3) پاٽي جا ننڍا ڪارڊ جن تي سبق وارا لفظ ۽ آواز لکيل هجن.

(4) ڪارو بورڊ ۽ رنگين چاڪ.

**پڙهائي جو طريقو:**

(1) تصويري چارٽ ڏيکاري سبق وارا نئين لفظ ٻارن کان چوائجن: جيئن ته "هيءَ بدڪ آهي" "هيءَ ڍڪڻ آهي" "هيءَ قلم آهي".

(2) آوازن جو رنگين چارٽ ڏيکاري بدڪ، ڍڪڻ ۽ قلم لفظن جا آواز جدا جدا ڪري ٻارن کان چوائجن ۽ ساڳيا آواز چارٽ ۽ پاٽي جي ڪاردن تان ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ چوائجن.

(3) لفظن جا آواز سڄاڻائي ٻارن کان چوائي رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکجن ۽ ٻارن کان پڙهائجن.

(4) ان بعد ”ٻَدَڪَ، ڍَڪَڻُ ۽ قَلَمُ“ لفظ چارٽ ۽ پاٽي جي ڪارڊن تان ٻارن کان سڄاڻائي چوائجن ۽ رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائجن.

(5) آخر ۾ سبق جا سمورا لفظ ٻارن کان سڄاڻائي تن تن ٻارن کان گڏي پڙهائجن.

## عملي ڪم:

(1) ”ق“ ۽ ”ڀ“ جون جدا جدا صورتون ٻارن کان سليٽن تي لکائجن.

(2) ڪارڊن جي مدد سان لفظ جوڙائجن

(3) سبق جا سمورا پڙهيل لفظ ٻارن کان ڪاپين يا سليٽن تي لکائجن ۽ چڪاس ڪري سندن غلطيون درست ڪجن.

# سبق يارهون

**مقصد:**

(1) اکي سکيل لفظن ۽ آوازن جو استعمال ڪرڻ ۽ وڏيڪ پڙهڻ.
(2) اڳي سکيل لفظن ۽ آوازن جي مدد سان نوان/ لفظن سکڻ.
(3) نوان لفظ سکڻ ۽ اهي لکڻ پڙهڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب وارين تصويرن جا وڏا چارٽ.
(2) سبق وارن لفظن، آوازن ۽ انهن سان مشابهت رکندڙ ٻين آوازن ۽ لفظن جا رنگين چارٽ.
(3) ٻاڻي جا ننڍا ڪارڊ جن تي سبق وارا لفظ ۽ آواز لکيل هجن.
(4) ڪارو بورڊ ۽ رنگين چاڪ.

**پڙهائيءَ جو طريقو:**

(1) تصويري چارٽ ڏيکاري سبق وارا ٻئي لفظ ٻارن کان جملن ۾ چوائجن: جيئن ته "هي خنجر آهن" "هي خچر آهن".
(2) آوازن جو رنگين چارٽ ڏيکاري "خنجر ۽ خچر" لفظن جا ٽيئي آواز جدا جدا ڪري ٻارن کان استعمال ڪرائجن ۽ ساڳيا آواز چارٽ ۽ ٻاڻي جي ڪارڊن تان ٻارن کان چوائجن.

(3) لفظن جا آواز سڃاڻائي ٻارن کان چوائي رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکجن ۽ ٻارن کان پڙهائجن.

(4) ان بعد ”حَجم ۽ خَچر“ لفظ چارٽ ۽ پاٽي جي ڪاردن تان ٻارن کان سڃاڻائي چوائجن ۽ رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائجن.

(5) آخر ۾ سبق جا سمورا لفظ ٻارن کان سڃاڻائجن ۽ ٽن ٽن ٻارن کان گڏي پڙهائجن.

## عملي ڪم:

(1) ”ح، خ ۽ چ“ وغيره جون جدا جدا صورتون ٻارن کان سليٽن تي لکائجن ۽ ٻيون اهڙيون جدا جدا صورتون ٻارن کان ٺهرائجن ۽ انهن جو گهڻو استعمال ڪجي.

(2) اکرن ح، ج، چ، خ ۽ چ جون منڍ واريون ۽ وچيون صورتون سيکاري ڪاردن جي مدد سان لفظ جوڙائجن.

(3) سبق جا سمورا پڙهيل لفظ ٻارن کان سليٽن يا ڪاپين تي لکائجن ۽ چڪاس ڪري سندن غلطيون درست ڪجن.

# سبق ٻارهون

**مقصد:**

(1) لفظن جو جملن ۾ استعمال ڪرڻ.
(2) وڏيڪ پڙهڻ.
(3) سکيل لفظن ۽ آوازن جو استعمال ڪرڻ ۽ نئان جملا سکڻ ۽ انهي پڙهڻ ۽ لکڻ.

**امدادي شيون:**

(1) سبق وارين تصويرن جهڙيون وڏيون تصويرون.
(2) ڪارو بورڊ ۽ رنگين چاڪ.

**پڙهائي جو طريقو:**

(1) تصويري چارٽ ڏيکاري سبق وارا نئي لفظ ٻارن کان جملن ۾ چوائجن. جيئن ته "هي گاهه آهن" "هي ڪارا آهن" "هي رازا آهن."
(2) سبق وارا لفظ "گاهه، ڪارا ۽ رازا" بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائجن.
(3) سبق وارا لفظ ٻارن کان بورڊ تي رنگين چاڪ سان لکائجن.
(4) سبق وارا بن لفظن وارا جملا ٻارن کان پڙهائجن.
(5) سبق وارا سمورا لفظ ۽ نئيا جملا ٽن ٽن ٻارن کان گڏي پڙهائجن.
(6) ڪتاب جا بن لفظن وارا جملا ٻارن کان زباني چوائجن.
(7) ڪتاب وارا لفظ "گاهه ۽ ڪارا" بين اهڙن وارن لفظن

جي مدد سان ٻارن کان چوائجن جيئن ته: "گابا ٻڌ، ڪارا ڪَنَ" وغيره.

**عملي ڪم:**

سبق جا پڙهيل نوان لفظ ۽ نوان ننڍا جملا ٻارن کان ڪاپين يا سليٽن تي لکائجن ۽ چڪاس ڪري سندن غلطيون دُرست ڪجن.

# سبق تيرهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال ڪرائڻ.
(2) وڏيڪ پڙهڻ ۽ لکڻ سيکارڻ.
(3) ”الف“ حمزي ۽ ميم جون جدا جدا صورتون سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب جي تصوير جهڙي وڏي تصوير.
(2) ”ءَ“ ۽ ”م“ جي جدا جدا صورتن جو وڏو چارٽ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) استاد ڪي گهرجي ته: سوال ۽ سنڌ وارا جملا ڳالهائي ۽ ٻارن کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏئي.
(2) ”صابو“ لفظ پاڙهڻ لاءِ ”ص ا ب و“ جدا جدا حرفن ۾ لکي پوءِ آچار ڪرائي.
(3) پورو لفظ لکي پاڙهي.
(4) جيءُ لفظ لکي آچار ڪرائي پاڙهي.
(5) ”ءَ“ تي اعراب ڏئي آچار ڪرائي.
(6) ”ءَ“ ۽ ”م“ جون جدا جدا صورتون لکي پاڙهي.
(7) سڄي سبق وارا جملا ڳالهه ٻولهه وانگر چوائي. هن لاءِ ٻن ڇوڪرن کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏئي.
(8) آخر ۾ هڪ هڪ لفظ ڪري سڄو سبق پاڙهي.

**عملي ڪم:**

(1) ”ء“ ۽ ”ئ“ جون جدا جدا صورتون ڪاپيءَ تي يا پني تي لکائجن. (قومي تدريسي ڪتاب مان اسٽينسلون استعمال ڪجن).

(2) ڪتاب جا پويان تي جملا پارن کان سامهون تي لکائجن.

# سبق چوڏهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال ڪرائڻ.
(2) وڌيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڌيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:** سبق واريون تصويرون جهڙيون وڏيون تصويرون.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) ٻارن کي اهڙو موقعو ڏجي ته جيئن هو پاڻ ۾ هڪٻئي سان ڳالهائيندي هي جملا چون.

صابو، صوف وٺ.

آدا، صوف ڏي.

پوءِ ڪلاس ۾ ڇوڪرن ڏانهن اشارو ڪري سوال پڇي:
هي ڪير آهن؟

پاڻ جواب ڏي: هي ڇوڪرا آهن.

اهڙيءَ طرح واري تي هرهڪ ٻار کي سڏي، ساڳيو سوال پڇي ۽ جواب وٺندو رهي.

(2) پوءِ هڪ هڪ جملو ٻارن کان چوائجي.
(3) آخر ۾ ٻارن جا ٻه ٽولا ٺاهي، "ڏي" ۽ "وٺ" جي فعلن ڪم آڻيندي، ڳالهه ٻولهه ڪرائجي.

**عملي ڪم:**

(1) "ه" جون جدا جدا صورتون لکائجن.
(2) ڪاپيءَ، پٽي يا سليٽ تي سبق وارا ٽي جملا لکائجن.

# سبق پندرهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڌيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڌيڪ لکڻ جي مشق ڪرائڻ.

**امدادي شيون:** ڪتاب جي تصويرن جهڙيون وڏيون تصويرون.

(1) اڳ ۾ هي جملا چئجن ۽ چوائجن:
صابوءَ هار ڏنا.
ڏني هار پاتا.
(2) ٻئي جملا ٻارن کان گڏي پڙهائجن.
(3) پڙهڻ جو موقعو هر ٻار کي ڏجي.

**عملي ڪم:**

(1) ”ن“ ۽ ”ص“ جون جدا جدا صورتون لکي ڏيکارجن.
(2) ٻارن کان ٻٺيءَ، سليٽ يا ڪاپيءَ تي اهي لفظ لکائجن، جن ۾ ”ن“ ۽ ”ص“ ڪم اچن.
(3) ڪتاب جا ٻئي جملا ٻارن کان ڪاپيءَ يا سليٽ تي لکائجن.

# سبق سورهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامعني استعمال.
(2) وڌيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڌيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪَٽ جو وڏو چارٽ.
(2) ڪارو بورڊ ۽ رنگين چاڪ.

**پڙهائي جو طريقو:**

(1) تصوير جي مدد سان ”ڪٽ“ لفظ چوائجي.
(2) ڪَٽ لفظ رنگين چاڪ سان بورڊ تي لکجي ۽ ٻارن کان پڙهائجي.
(3) ڪتاب تان ٽيئي جملا پاڙهجن.
(4) ڪتاب تان هڪ هڪ جملو مختلف ٻارن کان چوائجي.
(5) ”ڏس“، ”ويهه“ ۽ ”ادا هائو“ جو استعمال گفتگو ذريعي ڪرائجي.
(6) ”ڪٽ“ جي بجاءِ ”پينچ“ ڪتاب جي جملن ۾ ڪم آندا ويا آهن. ٻارن کي ٻنهي لفظن جو صحيح استعمال اچي.
(7) آخر ۾ ڪتاب جا جملا ٻن ٻن ٻارن کان گڏي پاڙهجن.

**عملي ڪم:** ڪتاب جا ٽيئي جملا ٻارن کان ڪاپين يا سليٽن تي لکائجن ۽ چڪاس ڪري غلطيون درست ڪجن.

# سبق سترهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.

(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.

(3) وڏيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:** سبق ۾ آيل تصوير جهڙي وڏي تصوير يا چارٽ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصوير جي مدد سان لفظ ”ڳابو“ چوائجي.

(2) ڳ- ا- ب- و جدا جدا لکي پورو لفظ پاڙهجي.

(3) ”ڳ“ کي ڳاڙهي چاڪ سان لکي، باقي لفظ اڇي چاڪ سان لکجن.

(4) ٻهريون جملو ٻارن کان پڙهائجي.

(5) ”ڳابو“ جي آواز وانگر ”ڳارو“ لفظ آواز ڪري سيکارجي.

(6) پوءِ ٻيو جملو پاڙهجي.

**عملي ڪم:**

(1) ”ڳ“ جون جدا جدا صورتون لکي ڏيکارجن ۽ لکائجن.

(2) ٻئي جملا ڪاپيءَ يا سليٽ تي لکائجن.

# سبق ارڙهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) لکڻ جي مشق ڪرائڻ.

**امدادي شيون:** سبق واري تصوير جو وڏو چارٽ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصوير کان مدد وٺي اڳ ۾ "گهوڙو" چوائجي ۽ پوءِ "هي گهوڙو آهي".
(2) "گه" وارو حرف ڳاڙهي چاڪ سان بورڊ تي لکجي.
(3) گهه ـ وَ ـ ڙُ ـ وَ جدا جدا لکي چوائجي.
(4) "ٻوڙي" لفظ جدا جدا لکي چوائجي.
(5) تصوير جي مدد سان ٻئي جملا ڪتاب تان پاڙهجن.

**عملي ڪم:**

(1) "گه" جون جدا جدا صورتون لکي ڏيکارجن ۽ ٻارن کان لکائجن.
(2) ڪتاب جا جملا بورڊ تي لکجن ۽ ٻارن کان لکائجن.

# سبق اوڻيهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڌيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڌيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:** سبق ۾ آيل تصوير جهڙي وڏي تصوير يا چارٽ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) استاد سبق ۾ آيل تصوير ۾ جهرڪيءَ ڏي اشارو ڪندي، پاڻ چوي "جهرڪي".
(2) پوءِ جه - ر - ڪ - ي جدا لکي پڙهي "جهرڪي".
(3) ٻارن کان لفظ "جهرڪي" چوائي لکجي "جه".
(4) تصوير جي مدد سان پهريون جملو پاڙهجي.
(5) تصوير جي مدد سان ٻيو جملو پاڙهجي.
(6) ٻارن کي پاڻ پڙهڻ جو موقعو ڏجي.
(7) آخر ۾ تن ٻارن کي گڏجي پاڙهجي.

**عملي ڪم:**

(1) استاد "جه" جون جدا جدا صورتون بورڊ تي لکي ۽ ٻارن کان سليٽ تي لکائي.
(2) ڪتاب جا جملا بورڊ تي لکجن ۽ ٻارن کان لکائجن.

# سبق ويهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڏيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:** سبق ۾ آيل تصوير يا ان جو ڪو وڏو چارٽ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصوير جي مدد سان لفظ "ڏيکو" چوائجي.
(2) "ڏ ڳ و" هن ريت لکجي ۽ 'ڳ' کي ڳاڙهي چاڪ سان لکجي.
(3) اعرابن جي مدد سان لفظ پاڙهجي.
(4) پوءِ پهريون جملو پاڙهجي.
(5) لفظ 'ڀلو' ڳاڙهي چاڪ سان لکي پاڙهجي.
(6) اهڙيءَ ريت لفظ 'ڳاهه' به لکي پاڙهجي.
(7) پوءِ ٽيئي جملا گڏي پاڙهجن

**عملي ڪم:**

(1) "ڀلي" جو ضد آهي "ڏيلو".
(2) پوءِ هي جملا چوائجن:
(الف) جيڪو قلم سٺو نه آهي، سو خراب آهي.
(ب) جيڪو ڏيکو ڀلو نه آهي، سو ڏيلو آهي.
(3) "ڳ" جون سڀ صورتون لکائجن.
(4) پڙهيل جملا بورڊ تي لکجن ۽ ٻارن کان لکائجن.

# سبق ايڪيهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڌيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڌيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:** سبق ۾ آيل تصويرن جهڙيون ئي وڏي تصوير يا چارٽ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصويرن جي مدد سان لفظ "وڻ" ۽ "ڏڻ" چوائجن.
(2) بورڊ تي ٻن رنگن جي چاڪن سان ٻئي لفظ لکجن، "ڻ" ۽ "ڏ" گاڙهي رنگ ۾ هجن.
(3) اعرابن جي مدد سان ٻئي لفظ بورڊ تي پاڙهجن.
(4) پوءِ هيٺيان ٻئي جملا پاڙهجن.

**عملي ڪم:**

(1) "وڻ" ۽ "ڏڻ" چوائجن ۽ پاڙهجن.
(2) "ڻ" جون جدا جدا صورتون لکي ڏيکارجن ۽ لکائجن.
(3) "ن" جي لاءِ سيکارجي ته هيءَ به "ڻ" جي هڪ صورت آهي. اهڙيءَ ريت "ٻ" ۽ "ٽ" جون به اهڙيون صورتون سيکارجن ۽ لکائجن.
(4) ڪتاب جا ٻئي پڙهيل جملا بورڊ تي لکجن ۽ ٻارن کان لکائجن.

# سبق ڇاويهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڏيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) سيرَ جنسي صورت ۾.
(2) سيرَ جو چارٽ وڏو.
(3) ٻير ۽ تارازي جنسي صورت ۾ يا ٻيرن جي مند نه هجي ته ٻيرن جو چارٽ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) سيرَ يا سيرَ جي چارٽ جي مدد سان لفظ "سيرَ" چوائجي.
(2) ٻوءِ ٻئي جملا پاڙهجن.
(3) ٽئين جملي پاڙهڻ لاءِ تصوير ڪان مدد ورتي وڃي ۽ سوال ڪيا وڃن.

يا

تارازي ۾ ٻير جنسي صورت ۾ توري، ٻوءِ جملو چوائجي ۽ پاڙهجي.

**عملي ڪم:**

(1) "توري" جهڙا ٻيا لفظ چوائجن، مثلاً "سوري"، "چوري" ۽ "اوري".
(2) هي چارئي لفظ سليٽ تي وري وري لکائجن.
(3) "س" جون جدا جدا صورتون لکجن ۽ لکڻ سيکارجن.
(4) ڪتاب جا پڙهيل جملا بورڊ تي لکجن ۽ ٻارن کان لکائجن.

# سبق ٽيويهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڏيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڦيٿي جي وڏي تصوير.
(2) ڦٽي جنسي صورت ۾.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصوير جي مدد سان لفظ "ڦيٿو" چوائجي.
(2) ڦ - ي - ٿ - و لکي پاڙهجي.
(3) ڦ کي ڳاڙهي چاڪ سان لکي، ان جو اُچار ڪرائجي.
(4) اهڙيءَ طرح لفظ "ڦٽي" به چوائجي ۽ لکي پاڙهجي.
(5) ٻوءِ ڏنل جملا پاڙهجن.
(6) "وٺ" امر کي جملي جي صورت ۾ آڻڻ لاءِ ضمير "تون" ملائجي.
(7) ڦٽي ڏيندي سوال ڪجي، "مان ڇا ٿو ڪريان؟"
(8) ٻوءِ چئجي، "تون ڦٽي وٺ ۽ ڦٽي ڏي."
(9) ٻوءِ وري سڄو سبق پاڙهجي.

**عملي ڪم:**

(1) "ڦ" ۽ "ي" جون جدا جدا صورتون سيکارجن.
(2) سڄو سبق سليٽ يا پٽيءَ تي لکائجي.

# سبق چوويھون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.

(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.

(3) وڌيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) تصوير جو وڏو چارٽ.

(2) ”سڳ“ جنسي صورت ۾ جيئن جانورن جي مٿي تي آهن.

(3) هٿ جي آڱر ٿان ۾ مدد وٺجي.

(4) صابڻ جنسي صورت ۾ يا تصوير جي صورت ۾.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصوير جي مدد سان لفظ ”سڱ“ چوائجي.

(2) سڱ لکي پڙهائجي.

(3) ڱ کي ڳاڙهي چاڪ سان لکجي.

(4) پوءِ ”ڏٻي جا سڱ“ پاڙهجي. اعرابن ڪان مدد وٺجي.

(5) اهڙيءَ ريت ”آڱر“ چوائي، پوءِ لکجي ۽ پاڙهجي.

(6) صابڻ ڏيکاري لفظ چوائجي.

(7) پوءِ آخري ۾ جملا پاڙهجن.

(8) ”سڱ“، ”آڱر“ ۽ ”صابڻ“ چوائڻ لاءِ سوال ڪجن:
هي ڇا آهي؟ پوءِ جواب لکي وري پاڙهجن.

**عملي ڪم:**

(الف) هي جملا چوائجن:

(1) ٽونڙي جا ڏڳ.
(2) ڇوڪر جا لڱ.
(3) ڏڪي جا سڱ.
(4) ساوا مڱ.
(ب) ڪتاب جا پڙهيل جملا ٻارن کان ڪاپيءَ يا سليٽ تي لکائجن.

# سبق پنجويهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال ڪرڻ.
(2) وڌيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڌيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

سبق ۾ آيل تصوير يا ان جو وڏو چارٽ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصوير جي مدد سان لفظ "ججهه" چوائجي.
(2) حرف "جهه" ۽ "ج" ڳاڙهي چاڪ سان بورڊ تي لکجي.
(3) "ججهه" لفظ گڏي لکي، پاڙهجي.
(4) سوالن رستي ججهه ۽ ان سان واسطي واريون شيون سجاڻائجن.
(5) "اُج" لفظ ۾ ج جي صورت آما ئي آهي، جيڪا "ججهه" ۾ آهي. ان ڪري "اُج" لفظ سندس انهيءَ صورت ۾ پاڙهجي.
(6) "ٻُج" ۾ ج واري صورت ساڳي آما نه آهي، جيڪا "ججهه" ۾ آهي. ان ڪري "ٻُج" پاڙهڻ ڪان اڳ ۾ "ج" جون جدا جدا صورتون سيکا
(7) آخر ۾ سڄو سبق ٻه ڀيرا پاڙهجي.

**عملي ڪم:**

(1) "ڃ" ۽ "ڄ" جون جدا جدا صورتون سيکارجن ۽ لکائجن.

(2) لفظ "سهي" جو استعمال هن طرح ڪرائجي.

ڪاٺ تہ سهي!　　وڃ تہ سهي!　　ويهہ تہ سهي!

# سبق چوويهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڌيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڌيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) سبق ۾ آيل تصويرون يا انهن جا وڏا چارٽ.
(2) ٽاري ۽ ميوو جنسي صورتن ۾.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصويرن ۽ چارٽن جي مدد سان لفظ "طوطو" چوائجي.
(2) حرف "ط" ڳاڙهي چاڪ سان لکي پوءِ ان سان "و" ملائي، آواز "طو" ڪرائجي.
(3) انهيءَ ريت ٻيهر به "طو" لکي آواز ڪرائجي.
(4) "طوطو" هن طرح لکي پاڙهجي.
(5) "طو" جي صورت ۾ آواز وانگر "ب و" جو آواز ڪرائجي ۽ وري "ت و" جو آواز به ساڳيءَ طرح ڪرائجي.
(6) لفظ "ميوو" پاڙهڻ لاءِ به لفظ "و و" جو آواز ڪرائجي ۽ پوءِ "م ي" ۽ "مي" جون صورتون سمجهائجن.
(7) ٽاريءَ جي تصوير يا جنسي صورت ڏيکاري، لفظ "ٽاري" چوائجي.

(8) جيستائين ٻي سکي ته ڳالهائڻ يا سوال ڪرڻ جو طريقو به ڪم آڻجي.

(9) آخر ۾ سبق جا ٽيئي جملا به ٻيهر پاڙهجن.

(10) ٻار جملا ڳنڍجي چون، ته ٻاڻ چڱو.

## عملي ڪم:

(1) "ط" ۽ "ي" جون جدا جدا صورتون لکي سمجهائجن ۽ ٻارن کان لکائجن.

(2) سبق جا ٽيئي جملا ٻارن کان ڪاپين يا سليٽن تي لکائجن.

# سبق ستاويهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڏيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) جُتي جنسي صورت ۾ يا ان جي وڏي تصوير.
(2) چارٽ جيڪڏهن مهيا ڪري سگهجي ته:
(3) جهاز جو ماڊل يا چارٽ.
(4) جنسي پئسا ۽ ٽڪيٽ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصوير جي مدد سان سوالن رستي لفظ ”جُتي“ چوائجي.
(2) ”جُتي“ جي هن حالت ۾ ج ڳاڙهي چاڪ سان لکجي.
(3) سڄو لفظ لکي پاڙهجي.
(4) جهاز ۾ به ”ج“ جي صورت اُها آهي، جيڪا ”جُتيءَ“ ۾ آهي. ان ڪري اعرابن جي مدد سان سڄو لفظ پاڙهجي ۽ تصوير کان مدد وٺجي.
(5) لفظ ”سَفَر“ ۾ ”س“ ۽ ”ف“ جون جدا جدا صورتون سمجهائي پوءِ لفظ ”سفر“ پڙهائجي.
(6) ”ٽڪيٽ“ لفظ جنسي ٽڪيٽ ڏيکارڻ سان چوائي لکائجي.

(7) لفظ "پئسا" ۽ "ء" جي صورت سمجهائجي ۽ لکائجي،
(8) آخر ۾ سڄو سبق وري وري پاڙهجي.

## عملي ڪم:

س، ف، ر ۽ ء جون جدا جدا صورتون ڏيکارجن ۽ ٻارن کان سليٽن تي لکائجن.

# سبق اڻاويهون

مقصد:

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڌيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

سبق ۾ آيل تصويرن يا انهن جا چارٽ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) ڳالهه ٻولهه رستي ٻهرين تصوير جو مطلب سمجهائجي.
(2) اها ڳالهه کولي سمجهائجي ته طوطي کي ڳالهائيءَ سان مارڻ ظالم جو ڪم آهي.
(3) "ظالِم" جو لفظ چوائجي.
(4) "ظالِمْ" هن طرح لکي، اعرابن جي مدد سان سچو لفظ چوائجي.
(5) ظالم کي ڳاڙهي چاڪ سان لکجي.
(6) جيئن ته مارڻ ۽ پَر پٽڻ پيئي ظلم جهڙا ڪم آهن، ان ڪري استاد پنهنجي مخصوص انداز سان اهڙو اظهار ڪري، جو ٻار انهن ڪمن کان نفرت ڪرڻ لڳن.
(7) هن ڪم ۾ استاد تصويرن کان مدد وٺي.
(8) آخر ۾ سڀ جملا پاڙهجن.

**عملي ڪم:**

(1) ظ، ن ۽ م جون جدا جدا صورتون لکائجن.
(2) سبق جو آخري جملو وري لکائجي.

# سبق اوڻيھون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڌيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڌيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) عينڪ جنسي صورت ۾ ياء
(2) عينڪ جو تصوير جهڙو چارٽ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصوير جي مدد سان "عينڪ" چوائجي.
(2) "ع ي ن ڪ" هن طرح لکي، ع کي ڳاڙهو ڪجي.
(3) ع جي هيءَ صورت لکي، پوءِ ان جي گهٽايل صورت ع لکي، اهو سمجهائجي ته ع کي گهٽائبو ته ان جي صورت ٿيندي ع.
(4) "ع" هن صورت ۾ ء الف همزي جهڙو آهي، ان ڪري ٻنهين کي جدا جدا استعمال هيٺ آڻي، فرق سمجهائجي.
(5) ع جي گهٽايل صورت سمجهائڻ لاءِ لفظ "عيد" پاڙهجي.
(6) پوءِ سڀ جملا پاڙهجن.

**عملي ڪم:**

(1) ء ع ع جون لکڻ ۾ ڪم اچڻ واريون صورتون لکائجن.
(2) سبق جا ٽيئي جملا ٻارن کان ڪاپيءَ يا سليٽ تي لکائجن.

# سبق ٽيهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڌيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڌيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) سبق ۾ آيل تصويرون يا انهن جا چارٽ.
(2) لغام جنسي صورت ۾ جيڪڏهن هٿ اچي سگهي ته.
(3) لغڙ جي تصوير ۽ جنسي لغڙ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصوير جي مدد سان لفظ "لغڙ" چوائجي.
(2) "غ" جون جدا جدا صورتون لکي سمجهائجن.
(3) "ل، غ، ڙ، ۽ ل، غ، ڙ" لکي، اها ڳالهه سمجهائجي ته غ جي صورت هٿ اصل غ جي صورت جي گهٽايل شڪل آهي.
(4) اهڙيءَ طرح لغام لکي غ ۽ غ جي صورتن ۾ مشابهت سمجهائجي.
(۵) ... رستي باغ جي شين يعني "گل" ۽ "ميوا" جا لفظ چوائجن.
(6) ک جي خاص صورت ڪ سمجهائڻ لاءِ ٻڌائجي ته ٻوئين شڪل اڳينءَ شڪل جي گهٽايل صورت آهي.
... سڀ جملا پاڙهجن.

## عملي ڪم:

(1) ”باغ جا گل نہ پٽ“ وارو جملو وري وري چوائجي.

(2) سبق جا آيتي جملا ٻارن کان ڪاپين يا سليٽن تي لکائجن.

# سبق ايڪٽيهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڏيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

خچر، گڏهه ۽ گهوڙي جون اهڙيون تصويرون ڏجن، جو ننهين جي قد جو فرق معلوم ٿي سگهي.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) خَچَر جي تصوير ڏيکاري لفظ "خَچَر" چوائجي.
(2) خ جي هيءَ صورت ڳاڙهي چاڪ سان بورڊ تي لکجي.
(3) خ چ ر هن طرح لکي اعراب جي مدد سان سڄو لفظ پاڙهجي.
(4) تصوير جي مدد سان لفظ "گَڏَهَ" چوائجي.
(5) تصوير جي مدد سان لفظ "گهوڙو" چوائجي.
(6) سمڪين هجي ته ٽنهي ڪي ٽيئي جانور ڏيکاري، فرق ذهن ۾ ويهارجي.
(7) آخر ۾ سڀ جملا پاڙهجن

**عملي ڪم:**

(1) جهڙو، ڪهڙو، تيڙو، هھڙو. اهي لفظ هڪ ٻئي جي هيٺان لکي، اعرابن جي مدد سان پاڙهجن.
(2) سبق جا ٻئي جملا ٻارن کان سليٽ يا ڪاپي تي لکائجن.

# سبق ٻٽيهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڌيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڌيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) سبق ۾ آيل تصويرون يا انهن جا چارٽ.
(2) ميوو-جنسي صورت ۾.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصوير جي مدد سان لفظ "ثمر" چوائجي.
(2) هن حالت ۾ ٿلهي حرفن تي اعرابون ڏيئي لفظ پاڙهڻو پوندو.
(3) تصوير جي مدد سان لفظ "ميوو" پاڙهجي.
(4) اعرابن جي مدد سان لفظ "ثواب" پاڙهجي.
(5) سڀ جملا گڏجي پاڙهجن.
(6) ث جون جدا جدا صورتون سمجهائجن ۽ لکائجن.

**عملي ڪم:**

(1) ث ۽ ٿ ۾ فرق سمجهائجي.
(2) هن حرف جون جدا جدا صورتون لکائجن.
(3) سبق جا پويان ٻه جملا ٻارن کان ڪاپين يا سليٽن تي لکائجن.

# سبق ڏيڻيهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڏيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) سبق ۾ آيل تصويرن جهڙا وڏا چارٽ يا رنگين تصويرون.
(2) حوض مان پاڻي پيئندڙ ڍڳن جي تصوير.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصوير جي مدد سان لفظ "حوض" چوائجي.
(2) "ح" ۽ "ض" جون جدا جدا صورتون سمجهائجن.
(3) "ڳ" جون جدا جدا صورتون لکي سمجهائجن.
(4) "ض" کي ڳاڙهي چاڪ سان لکجي.
(5) هي جملا گڏجي پاڙهجن.

**عملي ڪم:**

ڍڳا وڳا پڳا سڳا

هي سڀ لفظ هن طرح لکي، اعرابن جي مدد سان پاڙهجن، هڪڙو جملو وري وري لکائجي.

# سبق چوٿيهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڏيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

سبق ۾ آيل تصويرن جهڙا وڏا چارٽ يا رنگين تصويرون.
ڊاک "سمڪن هجي" ته جنسي صورت ۾.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصوير جي مدد سان لفظ "ڊاک" چوائجي.
(2) "ڊ" کي ڳاڙهي چاڪ سان لکجي.
(3) "ڊ" جون جدا جدا صورتون لکي ڏيکارجن ۽ لکائجن.
(4) اعرابن جي مدد سان سڄو سبق پاڙهجي.

**عملي ڪم:**

(1) ڪ ۽ ڊ سان لفظ ناهي لکائجن.
(2) سبق جا پڙهيل جملا ٻار ڪاپين يا سليٽن تي لکن.

# سبق پنجٽيهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڏيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) سبق ۾ آيل تصويرون يا انهن جا چارٽ.
(2) ممڪن هجي ته ساڳئو جنسي صورت ۾ ڏيکارجي.
(3) ٻن جنسي صورت ۾، اَنُ، سچو ۽ ڏرو.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) سچي ٻن کي ٻنهي اڌن ۾ چيري سوالن وسيلي ”اڌ ٻن“ ۽ ”سچو ٻن“ چوائجي.
(2) ٻن مان ڏرو چني، ”ٻن ڏرو“ چوائجي.
(3) ”ڏرو“ لکي، پوءِ ڏ کي ڳاڙهو ڪجي.
(4) اعرابن جي مدد سان سڄو لفظ پاڙهجي.
(5) آخر ۾ ٻئي جملا پاڙهجن.
(6) وري هڪ ڀيرو سڄو سبق پاڙهجي، ۽ ٻارن کان پڙهائجي.

**عملي ڪم:**

(1) ”پ“ ۽ ”ن“ کي ملائي آواز ڪرائجي.
(2) هي سڀ لفظ پاڙهجن: ماٺي، پاٺي، ڪاٺي، ڪپاٺي، وڃاٺي.
(3) ”ساڳو ٺو آهي“، هي جملو وري لکائجي.

# سبق چٽيھون

**مقصد:**

(1) ”ن“ غني جو استعمال سيکارڻ.
(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڏيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

ڪتاب ۾ آيل تصويرون يا انهن جو چارٽ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(نوٽ) هن سبق ۾ نون غني وارا لفظ سيکارڻا آهن. لفظن ۾ غني وارن آوازن جي مشق ڪرائڻي آهي، ۽ پوء انهن آوازن وارا لفظ پاڙهڻا آهن.

(1) استاد تصويرن جي مدد سان ”انب“، ”شينهن“، ”نانگ“ ۽ ”مينهن“ جا لفظ چوائي.
(2) پوء سڀ لفظ پاڙهي، اعرابن کان مدد وٺي.
(3) غني واري نون جون جدا جدا صورتون جيئن سبق ۾ لکيل آهن، لکي ڏيکاري ۽ لکائي.
(4) آخر ۾ هيٺ آيل چارئي جملا پاڙهي.

**عملي ڪم:**

(1) لفظن ۾ آيل نون غني وارا آواز ڪجن.
(2) بارن کان آواز ڪرائجن.
(3) نون غني سان گڏيل اکرن وارا آواز جدا لکجن ۽ لکائجن.
(4) سبق جا چار سکيل لفظ بارن کي سليٽن تي لکائجن.

# سبق سٺهون

**مقصد:**

(1) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(2) وڌيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڌيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(نوٽ) هن سبق ۾ ”ه“ گاڏڙ آواز سيکارڻا ۽ پاڙهڻا آهن.
(1) سبق ۾ آيل تصويرون يا انهن جا چارٽ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصوير جي مدد سان ”ڪلهو“ چوائجي.
(2) ل ه و وارا اکر ساوا ڪري لکجن.
(3) پوءِ ڪلهي وارو جملو پاڙهجي.
(4) تصوير جي مدد سان، لفظ ”ملهه“ ۽ ”وڙهه“ چوائجن، ۽ پوءِ جملو پاڙهجي.
(5) تصوير جي مدد سان ”سنهي“ لفظ چوائجي ۽ جملو پاڙهجي.
(6) تصوير جي مدد سان ”سهه“ لفظ چوائجي ۽ پاڙهجي.
(7) تصوير جي مدد سان ”پوڙهو ماڻهو“ لفظ چوائجن ۽ پاڙهجن.
(8) پوءِ هيٺ آيل جملا پاڙهجن.

**عملي ڪم:**

(1) هي لفظ چٽجن ۽ چوائجن:- ڏلهي، ڏلهو، سنهو، لوڙهو، وڙهو، ڪاڙهو.
(2) ساڳيان سب لفظ لکائجن.

# سبق انٽيهون

**مقصد:**

(1) "۾"، "تي" "ءِ" جو استعمال ٻوليءَ جي ٻاهڻي استعمال لاءِ.
(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڏيڪ لکڻ سيکارڻ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصوير جي مدد سان ٻهريائين سڀ لفظ چوائجن.
(2) پوءِ هي سڀ لفظ پاڙهجن.
(3) "۾" "تي" "ءِ" کي سائو ڪري لکجي.
(4) "۾" "تي" "ءِ" جو وڌيڪ استعمال ڪرائجي.
(5) هرهڪ خاني وارن لفظن مان پورو جملو ٺهرائجي.

**عملي ڪم:**

(1) اشارن سان "۾"، "تي" "ءِ" جو استعمال ڪرائجي.
(2) سوالن رستي ٻارن کي موقعو ڏجي ته هو ڳالهائڻ ۾ وڌيڪ "۾" "تي" "ءِ" جي مشق ڪن.
(3) "۾" "تي" "ءِ" جون هي صورتون لکائجن.

# سبق اوڻيتاليھون

**مقصد:**

(1) نون غني جو وڌيڪ استعمال ڪرائڻ.
(2) ٻن ٽن ۽ چئن اکرن مان ٺهيل آواز سيکارڻ.
(3) ٻوليءَ جو بامقصد استعمال.
(4) وڌيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(5) وڌيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) انب، ڪيلا، انبڙيون، سيب جنسي صورتن ۾.
(2) ناممڪن هئڻ جي حالت ۾ هنن شين جا چارٽ.

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) تصويرن جي مدد سان مکيه لفظ چوائجن.
(2) اعراب جي مدد سان هي لفظ جدا لکي پاڙهجن.
(3) هنن لفظن جو استعمال سبق ۾ آيل جملن سان ڪجي.
(4) جتي فعل نه هجي، اتي استعمال ڪرائجي.
(5) سبق جا جملا استاد پڙهي ۽ ٻار ساڻس گڏجي پڙهن.

**عملي ڪم:**

(1) ”آهي“ ۽ ”آهن“ لفظن جو استعمال ڪرائجي.
(2) سبق جي پڇاڙيءَ ۾ آيل اکري صورتون سڀ چوائجن، پاڙهجن ۽ آخر ۾ لکائجن.
(3) سبق جا جملا ٻارن کان انفرادي طرح پڙهائجن.
(4) ”منهنجو تنهنجو“ لفظ ۽ ٻيا اهڙا مالڪي ڏيکاريندڙ لفظ ٻارن کان چوندائي ڪاپين يا سليٽن تي لکائجن.

# سبق چاليهون

**مقصد:**

(1) ڳالهايل ٻوليءَ جو سهڻو استعمال ڪرائڻ.
(2) وڏيڪ پڙهڻ سيکارڻ.
(3) وڌيڪ لکڻ سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

ڪاپي وغيره

**پاڙهڻ جو طريقو:**

(1) اُستاد هي سبق اهڙيءَ ريت پڙهي، جو ٻار هُن جي سُرَ ۽ ڍنگ کان متاثر ٿين.
(2) پوءِ اُستاد ڪن ٻارن کان پنهنجي پنهنجي طريقي تي سبق پڙهائي.
(3) آخر ۾ واتين ويٺين ۽ سُرَ سان اِهي سڀ جملا اُستاد ۽ ٻار گڏجي چون.
(4) هي جملا جُدا جُدا ٻارن کان پڙهائجن.

**عملي ڪم:**

(1) ڪو به هڪ ٻاراڻو ٻول ياد ڪرائجي ۽ سر سان ڳائجي ۽ ڳارائجي.
(2) هي جملا بورڊ تي اُستاد لکي ۽ ٻار ڏسي پنهنجن ڪاپين يا سليٽن تي لکن.
(3) هم آواز لفظ چوائجن.

# پيش لفظ

پهرئين ڪلاس جي ٻارن کي ريڊر پڙهائڻ لاءِ اُستادن جو رهبر پيش ڪجي ٿو. هن ڪان اڳ پهرئين ڪلاس جي ٻارن پرائيمر پڙهي پورو ڪيو آهي ۽ هو ٻوليءَ جا ڪافي لفظ چڱيءَ طرح سڃاڻي ۽ پڙهي سگهن ٿا.

پرائيمر ختم ڪرڻ ڪان پوءِ ريڊر ان لاءِ پڙهايو وڃي ٿو ته ٻار روزمره جي گفتگو ۾ ڪم ايندڙ ٻوليءَ جا بامقصد جملا پڙهن ۽ سمجهن ته جيئن کين وڌيڪ ٻوليءَ سمجهڻ جو شعور پيدا ٿئي.

انهيءَ ڪري ريڊر ۾ سبقن جي سٽا اهڙي ڏنل آهي جو ان جي پڙهڻ سان ٻار روزمره جي ڪم ايندڙ ٻوليءَ ذريعي ڪيترا نوان لفظ به سکندو ۽ منجهس بامعني ٻوليءَ سمجهڻ جو شعور به پيدا ٿيندو. ريڊر ۾ سبق جيتوڻيڪ ننڍا ۽ سولا آهن، پر ان جي پڙهائڻ لاءِ اُستادن کي ڪافي محنت ڪرڻي پوندي ۽ کين ڪافي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو. اُستادن جي مشڪلاتن کي خيال ۾ رکندي هن رهبر ۾ ريڊر جي سبقن پڙهائڻ جي تفصيلي طرح رهنمائي ڪئي ويئي آهي ۽ ڪتاب جي سيني سبقن جي پڙهائيءَ جا خاڪا ڏنا ويا آهن ته جيئن اُستاد انهن جي مدد سان ٻارن کي آساني سان پڙهائي سگهن. سبق جي خاڪن جو بنياد هيٺين ٽن ڳالهين تي رکيل آهي.

(1) مقصد (عام ۽ خاص).

(2) امدادي سامان.

(3) پڙهائيءَ جو طريقو.

هرهڪ سبق جي پڙهائڻ کان اڳ اُستادن کي اُن جا مقصد سمجهڻ گهرجن ۽ ان بعد گهربل امدادي سامان مهيا ڪرڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ انهن لاءِ ڪاميابيءَ سان سبق پڙهائڻ هڪ ڏکيو ڪم ٿي پوندو. پڙهائيءَ جي طريقي ۾ نثر توڙي نظم جي ورڇ وري پڙهڻ تي زور ڏنو ويو آهي ته جيئن ننڍن سبق ٻارن کي چڱيءَ طرح ذهن نشين ٿي سگهي. نثر جي سبق ۾ نوان لفظ چونڊي لکيا ويا آهن ۽ اهي پڙهائڻا ۽ لکائڻا آهن. بيتن ۾ نون لفظن جي آڀتار جي ڪا ضرورت ڪانهي. هن مرحلي تي ٻارن کي بيت، فقط ٻوليءَ مان خوشي ۽ لطف حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهائڻا آهن. ان ڪري اهي ڪوشش ڪري سُر ۽ ترنم سان پڙهايا وڃن ۽ انهن جي معنيٰ سمجهڻ ۽ لکڻ تي زور نه ڏنو وڃي.

نثر جي سبق لکڻ جي تجويز ”گهرو ڪم“ ۾ ڏني ويئي آهي ته جيئن ٻار پڙهيل سبق گهر ۾ سوچي سمجهي صحيح نموني لکي سگهن. هن رهبر ۾ پهرئين ڪلاس جي ريڊر جي سمورن سبقن جا خاڪا مڪمل طرح ڏنا ويا آهن، پر انهن مان حقيقي فائدي حاصل ڪرڻ جو دارومدار اُستاد جي محنت ۽ ڪوشش تي آهي.

اُميد ته اُستاد صاحب پنهنجي محنت سجائي ۽ ڪارگر بنائڻ لاءِ هن رهبر جو صحيح صحيح استعمال ڪندا ۽ پنهنجي پڙهائيءَ کي ڪامياب بنائيندا.

مصنف

# سبق پنڌرهون

## گيت ڏٺيءَ جا گڏجي ڳايون (بيت)

**مقصد:**

(1) بيت پڙهڻ سيکارڻ.

(2) بيت مان لطف حاصل ڪرڻ.

ٻارن جي دل ۾ الله تعاليٰ جي قدرت جو احساس پيدا ڪرڻ.

**امدادي شيون:**

(1) مينهن جي نظاري جي تصوير.

(2) باغ جي تصوير.

(3) آسمان جي تصوير

جنهن ۾ چنڊ ۽ تارا ڏيکاريل هجن.

**پڙهائي جو طريقو:** اُستاد مختلف تصويرون ڏيکاري ٻارن کي قدرتي نظارا ذهن نشين ڪرائي ۽ تصويرن جو احساس ڏياري. هن نموني جا سوال پڇڻ گهرجن.

**سوال:**

(1) هن تصوير ۾ ڇا ٿا ڏسو؟

(2) مينهن ڪير ٿو وسائي؟

مختصر سوالن جي جوابن ڪان پوءِ اُستاد ٻارن کي ٻڌائي ته ڏٺي، مينهن وسائي ٿو ۽ اچو ته پاڻ ان ڏٺيءَ جا گيت گڏجي ڳايون. اُستاد سبق جو عنوان بورڊ تي لکي پاڻ پڙهي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**ٻڌڻ پڙهڻي:** اُستاد جهلي جهلي وزن ۽ تڪ بندي سان بيت پڙهي ٻار توجه سان ٻڌن.

**ٻي پڙهڻي:** اُستاد ٻيو ڀيرو شعر ۽ ترنم سان بيت اهڙيءَ طرح پڙهي، جو ٻار ان ۾ دلچسپي وٺن ۽ لطف حاصل ڪن. ٻه دفعا بيت پڙهڻ کان پوءِ اُستاد بيتن جا نوان لفظ بورڊ تي لکي مختلف ٻارن کان ٻه ٻه دفعا چورائي، جيئن کين بيت پڙهڻ مهل تڪليف نه ٿئي.

**نوان لفظ:** مينهن، ويس، عرش، مالڪ، ساراهيون.

**اجتماعي پڙهڻي:** اُستاد هڪ ڀيرو ٻيهر وٺندڙ نموني بيت پڙهي ۽ ٻار ساڻس گڏجي پڙهجن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار انفرادي طرح واري واري سان بيت پڙهن ۽ اُستاد موقعي آهر سندن رهبري ڪري.

**عملي ڪم:** جيئن جيئن ٻارن جون ٽوليون ٺاهي ٻارن کان واري تي بيت پڙهائجي.

**گهرو ڪم:** ٻار پڙهيل بيت گهران ياد ڪري اچن.

# سبق ٻيو

## الله سائين

**مقصد:**

(1) سکيل ٻولي جو صحيح استعمال ڪرڻ.

(2) بامقصد جملا پڙهڻ سيکارڻ.

(1) الله تعاليٰ جي هستيءَ جو ٻارن جي دل ۾ احترام پيدا ڪرڻ.

(2) الله تعاليٰ جي احسانن جو ٻارن جي دلين ۾ احساس پيدا ڪرڻ.

**امدادي شيون:**

ڪتابي تصويرن جا وڏا چارٽ.

**پڙهائيءَ جو طريقو:** استاد تصويرون ۽ جنسي طرح، هٿ، اکيون ۽ پير وغيره ڏيکاري ٻارن کان سولا سولا ۽ دلچسپ سوال پڇي ۽ کين اهو ذهن نشين ڪرائي ته اسان کي الله سائين پيدا ڪيو آهي ۽ اسان کي هٿ اکيون وغيره به الله سائين ڏنا آهن.

**سوال:**

(1) اسان کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟

(2) هي هٿ ۽ اکيون اسان کي ڪنهن ڏنا آهن؟

سوالن پڇڻ کان پوءِ استاد سبق جو عنوان بورڊ تي لکي پاڻ پڙهي ۽ ٻارن کي پڙهائي.

**پهرين پڙهڻي:** استاد ڪتاب جو سبق جهلي جهلي ٻارن کي پڙهي ٻڌائي ۽ کين ڪتاب ۾ ڏسڻ لاءِ چوي.

**ٻي پڙهڻي:** استاد پنهنجو پيرو ڍنگ سان سبق پڙهي ۽ جيڪي لفظ ٻارن لاءِ نوان هجن، اهي ٻارن کي ورجائي ٻڌائي.

**نوان لفظ:** الله سائين، ڪم ڪار، مهربان، پانهنجا.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ پيرو وري پاڻ جهلي جهلي سبق پڙهي ۽ ٻار به ساڻس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار انفرادي طرح سبق پڙهن ۽ جن ٻارن کي هٻڪ محسوس ٿئي، تن جي استاد رهبري ڪري.

**عملي ڪم:** استاد پڙهيل سبق تي ٻارن کان هڪ ٻه سوال پڇي ۽ بورڊ تي لکيل نوان لفظ ٻارن کي لکڻ لاءِ چوي.

**گهرو ڪم:** استاد ٻارن کي پڙهيل سبق گهران لکي اچڻ لاءِ چوي.

# سبق نيون

## آمڙ

**مقصد:**

(1) سکيل ٻوليءَ جو باقاعده استعمال ڪرڻ.

(2) ٻوليءَ جا بامعنيٰ جملا پڙهڻ سيکارڻ.

(1) ماءُ جي لاءِ محبت پيدا ڪرڻ.

**امدادي شيون:**

ڪتابي تصويرن جا وڏا چارٽ.

**پڙهائيءَ جو طريقو:** استاد ٻارن کان سولا سولا ۽ دلچسپ سوال پڇي.

**سوال:**

(1) اوهان کي خرچي ڪير ڏيندو آهي؟

(2) اوهان کي ماني ڪير کارائيندو آهي؟

(3) اوهان کي ڪپڙا ڪير پارائيندو آهي؟

سوالن پڇڻ کان پوءِ استاد ٻارن کي دلچسپ طريقي سان ٻڌائي ته "توهان جهڙو ننڍڙو ٻار پنهنجي امڙ سان ڳالهيون ڪري ٿو سي پڙهو." ان بعد استاد سبق جو عنوان "آمڙ" بورڊ تي لکي پاڻ پڙهي ۽ ٻارن کي پڙهائي.

**ٻهرڻ پڙهڻي:** استاد ڪتاب جو سبق درست لهجي ۽ صحيح تلفظ سان پڙهي ۽ ٻارن کي توجه سان ٻڌڻ لاءِ چوي.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو ڀيرو سبق ڍنگ سان پڙهي ۽ نوان لفظ ٻارن کي ورجائي ٻڌائي.

**نوان لفظ:** مٽري، سمهار، ڀينگهو، لوائي. هي لفظ استاد بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو پاڻ جهلي، جهلي ڍنگ سان سبق پڙهي ٻار سائس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار انفرادي طرح سبق پڙ ان جن ٻارن کي پڙهڻ ۾ هٻڪ محسوس ٿئي، تن جي ا... رهبري ڪري.

**عملي ڪم:** استاد سبق جون تصويرون ڏيکاريل ٻارن کان هڪ ٻه آسان سوال ڪري ۽ بورڊ تي لک... نوان لفظ ڪين سليٽن تي لکڻ لاءِ چوي.

**گهرو ڪم:** ٻار پڙهيل سبق گهران لکي

# سبق چوٿون

## جهو جهو ماڻي (بيت)

**مقصد:**

(1) ٻولي مان لطف حاصل ڪرڻ.

(2) ٻاراڻا ٻول ڪتاب ۾ پڙهڻ.

ٻاراڻن ٻولن جي ذريعي ٻوليءَ لاءِ پيار پيدا ڪرڻ.

**امدادي شيون:**

ڪتابي تصوير جو وڏو چارٽ ۽ جنسي ماڻي.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد ٻارن کي تصوير ۾ ماڻي ڏيکاري انهن تي دلچسپ سوال پڇي ۽ ڪي ٻاراڻا ٻول ڪڍائين پڇي. آسان گفتگو ذريعي استاد ٻارن کي اهو سمجهائي ته لسي ۽ مکڻ ڪيئن نهندو آهي ۽ نسي ولوڙڻ وقت ماڻي جو آواز ڪيئن ٿيندو آهي؟ اهو آواز ”جهو جهو ماڻي“ استاد بورڊ تي لکي پاڻ پڙهي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**بيت پڙهڻ:** استاد تصوير سامهون ٽنگي، ڪتاب جو بيت لفظن جي ٽڪ بندي سان دلچسپ نموني ٻه دفعا پڙهي ۽ ۽ ٻارن کي ٻڌڻ لاءِ چوي.

**اجتماعي پڙهڻي:** هڪ ڀيرو وري استاد پاڻ دلچسپ لهجي سان بيت پڙهي ۽ ٻار سڀ گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** انفرادي طرح ٻار واري واري سان بيت پڙهن ۽ استاد سندن رهبري ڪري.

**عملي ڪم:** ٻار ڇهن ڇهن جي ٽولين ۾ گڏجي واري تي بيت پڙهن.

**گهرو ڪم:** استاد ٻارن کي بيت گهران ياد ڪري اچڻ لاءِ چوي.

# سبق پنجون

# طوطو

**مقصد:**

(1) سکيل ٻولي ڪتاب ۾ پڙهڻ.
(2) بامقصد جملا پڙهڻ ۽ نوان لفظ سکڻ.
(1) ٻارن کي طوطي بابت معلومات ڏيڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتابي تصويرن جا وڏا چارٽ.
(2) جنسي پڃرو طوطي سان.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد ٻارن کان پکين متعلق سولا سولا ۽ دلچسپ سوال پڇي ۽ تصويرون ڏيکاري ٻارن ۾ سبق لاءِ چاهه پيدا ڪري. هن قسم جا سوال پڇجن.

**سوال:**

(1) توهان ڪهڙا ڪهڙا پکي ڏٺا آهن؟
(2) توهان ڪهڙا ڪهڙا پکي ڏاريندا آهيو؟
(3) هن پڃري ۾ ڪهڙو پکي آهي؟

ان بعد استاد سبق جو عنوان "طوطو" بورڊ تي لکي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**پهرين پڙهڻي:** استاد ڪتاب جو سبق آهستي صحيح

ٻالفظ سان ٻاڻ پڙهي ۽ ٻارن کي ڪتاب ۾ ڏسڻ لاءِ چوي. سبق پڙهڻ وقت جملي سان مناسبت رکندڙ تصويرون به ڏيکاري.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻئي دفعي وري ڍنگ سان سبق پڙهي ۽ سبق جا نوان لفظ ٻارن کي ورجائي ٻڌائي.

**نوان لفظ:** هي لفظ استاد بورڊ تي لکي هڪ ٻه ڀيرو ٻارن کان پڙهائي.

چهنب، چنبن، ڪائينڌو.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو وري ڍنگ سان سبق پڙهي ۽ ٻار سڀئي گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار هڪ هڪ ٿي واري تي سبق پڙهن ۽ جن ٻارن کي پڙهڻ ۾ هٻڪ ٿئي، تن جي استاد رهبري ڪري.

**عملي ڪم:** استاد تصويرون ڏيکاري هڪ ٻه سولا سوال ڪري ۽ بورڊ تي لکيل نوان لفظ ڪين لکڻ لاءِ چوي.

**گهرو ڪم:** استاد ٻارن کي پڙهيل سبق گهران ڪاپين يا سليٽن تي لکي اچڻ لاءِ چوي.

# سبق ڇهون

## اسان جو گهر

**مقصد:**

(1) سکيل ٻولي جو صحيح استعمال ڪرڻ.
(2) بامقصد جملا پڙهڻ ۽ نوان لفظ سکڻ.
(1) گهر لاءِ محبت پيدا ڪرڻ.
(2) پنهنجي گهر لاءِ محبت پيدا ڪرڻ.

**مدادي شيون:**

(1) ڪتابي تصوير جو وڏو چارٽ.
(2) مختلف گهرن جون تصويرون.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد تصويرون ڏيکاري ٻارن کان آسان ۽ دلچسپ سوال پڇي. هن قسم جا سوال پڇي سگهجن ٿا.

**سوال:**

(1) توهين ڪٿي پڙهندا آهيو؟
(2) اسڪول کان پوءِ ڪٿي ويندا آهيو؟

سوالن پڇڻ ۽ تصويرن ڏيکارڻ بعد استاد سبق جو عنوان "اسان جو گهر" بورڊ تي لکي پاڻ پڙهي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**پهرين پڙهڻي:** استاد ڪتاب جو سبق آهستي آهستي صحيح تلفظ سان پڙهي ۽ ٻارن کي ٻڌڻ لاءِ چوي. سبق پڙهڻ وقت جملن سان نهڪندڙ تصويرون به ٻارن کي ڏيکاري.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو پهرو سبق ڍنگ سان پڙهي ۽ سبق جا نوان لفظ ٻارن کي ورجائي ٻڌائي.

**نوان لفظ:** استاد هيٺيان لفظ بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي: ڪوئيون، رڍون، ٻوٽن، باغيچو.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو وري ڍنگ سان سبق پڙهي ۽ ٻار ساڻس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار هڪ هڪ تي سبق پڙهن ۽ جن ٻارن کي ڏکيو محسوس ٿئي، تن جي استاد رهبري ڪري.

**عملي ڪم:** استاد پڙهيل سبق تي ٻارن کان هڪ ٻه سوال پڇي ۽ بورڊ تي لکيل نوان لفظ ڪين ڪاپين يا سليٽن تي لکڻ لاءِ چوي.

**گهرو ڪم:** استاد ٻارن کي پڙهيل سبق گهران ڪاپين يا سليٽن تي لکي اچڻ لاءِ چوي.

# سبق ستون

## پئسو لڏم پٽ تان (بيت)

**مقصد:**

(1) ٻارائا ٻول ڪتاب ۾ پڙهڻ.

(2) ٻوليءَ مان لطف حاصل ڪرڻ.

ٻارائن ٻولن ذريعي پنهنجي ٻوليءَ لاءِ دلچسپي پيدا ڪرڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب ۾ آندل شين جو چارٽ.

(2) جنسي پئسو.

(3) مينهن جي تصوير.

(4) ڪانوَ جي تصوير ۽ ان جو ڪنبو.

(5) گهوڙي جي تصوير جنهن تي ٻار چڙهيل هجي.

**پڙهائيءَ جو طريقو:** استاد مختلف تصويرون ٻارن کي ڏيکاري ۽ انهن کان ڪجھ سولا سولا سوال ڪري ۽ کانئن کي ٻارائا ٻول چوائي ۽ ڪتاب ۾ پڙهيل بيت ”جهو جهو ماني“ پڙهائي، ان بعد پئسو پٽ تي ڇڏجي، جو هڪ ٻار کڻي ۽ اهو سيني ٻارن کي ڏيکاري ته ”پئسو لڏم پٽ تان“ ۽ ٻيا ٻار به گڏجي اهو ٻول چون. استاد اهو ٻول ”پئسو لڏم پٽ تان“ بورڊ تي لکي پاڻ پڙهي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**بيت پڙهڻ:** ڪتاب کولي استاد لفظن جي ٻيهڪ ۽

ڪ بنديءَ سان دلچسپ نموني بيت پڙهي ۽ جملن جي مناسبت
اَن موجود تصويرون ڏيکاريندو رهي.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو پاڻ بيت پڙهي
ٻار سانس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** انفرادي طرح ٻار بيت پڙهن ۽
ڪمي آهر استاد سندن رهبري ڪري

**عملي ڪم:** ٻار ڇڻن ڇڻن جي ٽولين ۾ گڏجي واري
ن بيت پڙهن.

**گهرو ڪم:** استاد ٻارن کان گهران بيت ياد ڪرڻ
ء چوي.

# سبق اٺون

## پاڻي

**مقصد:**

(1). سکيل ٻولي جو باقاعدي استعمال ڪرڻ.
(2) بامقصد ۽ بامعنيٰ جملا پڙهڻ ۽ نوان لفظ سکڻ.
(1) پاڻيءَ بابت ٻارن جي واقفيت وڌائڻ.
(2) پاڻيءَ جي ضرورت جو احساس ٻارن جي دل ۾ پيدا ڪرڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪن شين جا چارٽ.
(2) جنسي پاڻي.

**پڙهائيءَ جو طريقو:** استاد تصويرون ڏيکاري ٻارن کان سولا سولا سوال پڇي: سوال هن قسم جا هئڻ گهرجن.

**سوال:**

(1) ٻک لڳندي آهي ته اسين ڇا کائون ٿا؟
(2) اُڃ لڳندي آهي ته پاڻ ڇا پيئندا آهيون؟
(3) هيءَ گلاس ۾ ڇا آهي؟

ان بعد اُستاد سبق جو عنوان ”پاڻي“ بورڊ تي لکي پاڻ پڙهي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**ٻهرين پڙهڻي:** رٿيل سبق استاد پاڻ آهستي آهستي

ڍنگ سان پڙهي ۽ ٻارن کي توجه سان ٻڌڻ لاءِ چوي. سبق پڙهڻ وقت جه زسان مناسبت ر ننڍڙ تصويرون به ٻارن کي ڏيکارجن.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو ڀيرو سبق ڍنگ سان پڙهي ۽ نوان لفظ ٻارن اڳيان ورجائي.

**نوان لفظ:** هيٺيان نوان لفظ استاد بورڊ تي لکي ۽ ٻارن کي پڙهائي: آچ، ٿڌو، وهنج، ڪپڙا، صاف.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو وري ڍنگ سان سبق پڙهي ۽ ٻار ساڻس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار انفرادي طرح واري واري سان سبق پڙهن ۽ جهڙي ٻار هڪ محسوس ڪن ته تن جي استاد رهبري ڪري.

**عملي ڪم:** استاد تصويرون ڏيکاري ٻارن کان ڪجهه سوال پڇي ۽ ڪين بورڊ تي لکيل نوان لفظ سليٽن تي لکڻ لاءِ چوي.

**گهرو ڪم:** استاد ٻارن کي پڙهيل سبق گهران لکي اچڻ لاءِ چوي.

# سبق نائون

## انب

**مقصد:**

(1) سکيل ٻولي ڪتاب ۾ پڙهڻ.
(2) بامعني جملا پڙهڻ ۽ نوان لفظ سکڻ.
(3) انب بابت ٻارن کي مختصر معلومات ڏيڻ، جيئن منجهن
شين کي سمجهڻ جو احساس ۽ شوق پيدا ٿئي.

**امدادي شيون:**

(1) تصوير جو وڏو چارٽ.
(2) انب جي الڳ تصوير.
(3) جنسي انب يا ان جو ماڊل.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد آسان گفتگو ذريعي ٻارن جي معلومات وڌائي ۽ ميون بابت ڪجهه سوال پڇي ته جيئن ٻارن ۾ سبق پڙهڻ لاءِ چاهه پيدا ٿئي. هن قسم جا سوال پڇي سگهجن ٿا.

**سوال:**

(1) توهان ڪهڙا ميوا کائيندا آهيو؟
(2) ڪهڙا ميوا کٽا ٿيندا آهن؟
(3) ڪهڙا ميوا مٺا ٿيندا آهن؟
(4) هي ميوو سچائو ته ڪهڙو آهي؟

شروعاتي گفتگو کان پوءِ استاد سبق جو عنوان ”انب“ بورڊ تي لکي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**پهرين پڙهڻي:** استاد ڪتاب جو سبق آهستي آهستي ڍنگ ۽ صحيح اچارن سان پڙهي ۽ ٻارن کي ڪتاب ۾ ڏسڻ لاءِ چوي. سبق پڙهڻ وقت موقعي آهر تصويرون به ڏيکارجن.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو ڀيرو ڍنگ سان سبق پڙهي ۽ سبق ۾ ڪم آيل نوان لفظ ٻارن کي ورجائي ٻڌائي.

**نوان لفظ:** هيٺيان نوان لفظ استاد بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي. رنگ، وڻندا، ڦارون، ڪائيندا، مٺا.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو وري ڍنگ سان آهستي آهستي صحيح اچارن سان سبق پڙهي ۽ ٻار ساڻس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ڪلاس جا ٻار هڪ هڪ تي واري تي سبق پڙهن، جن ٻارن کي پڙهڻ ۾ اٽڪ ٿئي تن جي استاد رهبري ڪري.

**عملي ڪم:** استاد تصويرون ڏيکاري ٻارن کان ڪي سوال ڪري ۽ بورڊ تي لکيل نوان لفظ ٻارن کان لکائي.

**گهرو ڪم:** استاد ٻارن کي پڙهيل سبق گهران لکي اچڻ لاءِ چوي.

# سبق ڏهون

## هوا ۽ آس

**مقصد:**

(1) ٻولي ۽ جا جملا درست نموني پڙهڻ .
(2) بامقصد جملا پڙهڻ ۽ نوان لفظ سکڻ.
(3) هوا ۽ آس بابت ٻارن کي سمجهه آهر معلومات ڏيڻ.
(4) قدرتي نعمتن جي ضرورت محسوس ڪرائڻ.

**امدادي شيون:**

ڪتاب ۾ ڏنل تصويرن جا وڏا چارٽ.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد آسان گفتگو ذريعي ٻارن جي معلومات آهر سج ۽ هوا بابت ڪجهه سولا سولا سوال پڇي ۽ ٻارن ۾ نئين سبق لاءِ چاهه پيدا ڪري.

**سوال:**

(1) پاڻ ننڊ ڪڏهن ڪندا آهيون؟
(2) توهان اسڪول ۾ ڪڏهن ايندا آهيو؟
(3) ڏينهن جو آسمان ۾ ڇا ڏسبو آهي؟
(4) ٻاهر وڻ ڇو پيا لڏن؟

شروعاتي گفتگو کان پوءِ استاد ٻارن کي ٻڌائي ته سج نڪرڻ ڪري آس ٿيندي آهي ۽ وڻن کي هوا لوڏي ٿي.

ان بعد اِستاد سبق جو عنوان ”هوا ۽ آس“ بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي.

**پهرين پڙهڻي:** استاد ڪتاب جو سبق ٻئي سان آهستي آهستي ۽ صحيح تلفظ سان پڙهي ۽ ٻارن کي ڪتاب ۾ ڏسڻ لاءِ چوي. سبق پڙهڻ وقت جملن جي مناسبت سان تصويرون به ڏيکارجن.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو پيرو ڍنگ سان سبق پڙهي ۽ سبق ۾ ڪم آيل نوان لفظ ٻارن کي ٻه دفعا اُچاري ٻڌائي. استاد بورڊ تي نوان لفظ لکي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**نوان لفظ:** سَڪن، لنڊن، ساهه، گهرڙو.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ پيرو وري صحيح اُچارن سان سبق جهلي پڙهي ۽ ٻار ساڻس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار انفرادي طرح سبق پڙهن ۽ استاد موقعي آهر سندن رهبري ڪري.

**عملي ڪم:**

(1) استاد تصويرن تي ٻارن کان هڪ ٻه سوال پڇي ۽ اهي جواب گهڻن ٻارن کان چوائي.

()2 بورڊ تي لکيل نوان لفظ ٻار سليٽن تي اُکن.

**گهرو ڪم:** ٻار پڙهيل سبق گهران لکي اچن.

# سبق يارهون

## اچو ڙي ٻارو (بيت)

**مقصد:**

(1) ٻارڙا ٻول ڪتاب ۾ پڙهن.
(2) ٻوليءَ مان خوشي حاصل ڪرڻ.
(3) ٻارڙن ٻولن ذريعي ٻارن کي ٻوليءَ سکڻ جو شوق ڏيارڻ.

**امدادي شيون:**

ڪتاب ۾ ڏنل تصوير جو وڏو چارٽ. جنسي ڪاٺين جا ٽڪرا.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد ٻارن سان آسان گفتگو ڪري ڪاٺين راندين جا نالا پڇي ۽ ڪاٺين ڪي. ٻارڙا ٻول ٻه چوائي. ان بعد هن قسم جا سوال ڪري.

**سوال:**

(1) توهان ڪهڙيون ڪهڙيون رانديون ڪندا آهيو؟
(2) ٻارن کي راند تي سڏڻ لاءِ توهان ڇا ڪندا آهيو؟
استاد شروعاتي گفتگو ڪندي ڪنهن ٻار کان چوائي ته ”اچو ڙي ٻارو“ بعد ۾ سڀئي ٻار گڏجي چون ”اچو ڙي ٻارو“ اهو ٻول ”اچو ڙي ٻارو“ استاد بورڊ تي لکي ٻاڻ پڙهي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**بيت پڙهڻ:** ڪتاب ڪولي استاد لفظن جي ٻيهڪ ۽ تڪ بندي ۾ سان دلچسپ نموني سان بيت پڙهي ۽ تصوير ڏانهن به اشارا ڪندو رهي. استاد گهڻي ۾ گهٽ ٻه دفعا دلچسپ ۽ وڻندڙ نموني سان بيت پڙهي ۽ ٻار ٻڌندا رهن.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو وري ساڳئي وڻندڙ نموني بيت پڙهي ۽ ٻار سائس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** انفرادي طرح ٻار بيت پڙهن ۽ استاد سندن رهبري ڪري.

**عملي ڪم:** ٻار ڇهن ڇهن جي ٽولين ۾ گڏجي واري سان بيت پڙهن ۽ لطف حاصل ڪن.

**گهرو ڪم:** استاد ٻارن کان گهران بيت ياد ڪري اچڻ لاءِ چوي.

# سبق ٻارهون

## منهنجو ڪتاب

**مقصد:**

(1) سڪيل ٻولي ڪتاب ۾ پڙهڻ ۽ نوان لفظ سکڻ.
(2) با معني جملا پڙهڻ ۽ نوان لفظ سکڻ.
(3) بابت ٻارن جي معلومات وڌائڻ ۽ ڪتابن لاءِ چاهه پيدا ڪرڻ .

**امدادي شيون:**

(1) ڪتابي تصويرن جا وڏا چارٽ .
(2) جنسي ڪتاب.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد ٻارن سان آسان گفتگو ڪري ۽ ڪانئن سولا سولا سوال پڇي، منجهن سبق لاءِ چاهه پيدا ڪري. سوال هن قسم جا هجن.

**سوال:**

(1) منهنجي هٿ ۾ ڇا آهي؟
(2) هي ڪتاب ڪنهن جو آهي؟

جنهن ٻار جو اهو ڪتاب هجي ان ڏانهن ٻه سوال پڇجي ۽ اهو چوندو "منهنجو ڪتاب" آهي. ان ٻار جي جواب ڪان پوءِ استاد سبق جو عنوان "منهنجو ڪتاب" بورڊ تي لکي ٻارن ڪان پڙهائي.

**پهرين پڙهڻي:** استاد ڪتاب جو سبق ڏنگ سان آهستي آهستي ۽ صحيح اچارن سان پڙهي ساڳئي وقت ٻارن کي ڪتاب ۾ توجہ ڏيڻ لاءِ چوي. سبق پڙهڻ وقت موقعي آهر تصويرون بہ استعمال ڪجن.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو ڀيرو سبق درست نموني سان پڙهي ۽ سبق ۾ ڪم آيل نوان لفظ ٻارن کي ورجائي ٻڌائي.

**نوان لفظ:** استاد نوان لفظ بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي: منهنجو، پڙهان، سنيون، ڳائيندا، ڳالهيون.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد پاڻ هڪ ڀيرو وري سبق تلفظ سان پڙهي ۽ ٻار بہ ساڻس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار انفرادي طرح سبق پڙهن ۽ جيڪي ٻار پڙهڻ ۾ هٻڪ محسوس ڪن تن جي استاد رهبري ڪري.

**عملي ڪم:**

(1) استاد تصويرن تي ٻارن کان هڪ ٻہ سوال پڇي ۽ انهن جا جواب گهڻن ٻارن کان چوائي.

(2) بورڊ تي لکيل نوان لفظ ٻار ڪاپين يا سليٽن تي لکن.

**گهرو ڪم:** استاد ٻارن کي سبق گهران لکي اچڻ لاءِ چوي.

# سبق تيرهون

## سنڌ سونهاري

**مقصد:**

(1) صحيح نموني ٻولي سگهن.
(2) بامقصد جملا پڙهن ۽ نوان لفظ سکن.
(3) سنڌ بابت ٻارن کي معلومات ڏين.

**امدادي شيون:**

(1) سنڌ جو نقشو جنهن ۾ طرفن جا نالا، حدون، جبلن جي قطار، سنڌو درياءَ ۽ سمنڊ وڏن اکرن ۾ لکيل هجن.
(2) پٿرين جا ٽڪر.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد ٻارن سان آسان گفتگو ڪري ۽ ڪين هن قسم جي سوالن ذريعي ذهن نشين ڪرائي ته اسين سنڌ ۾ رهون ٿا.

**سوال:**

(1) پنهنجي شهر / ڳوٺ جو نالو ڇا آهي؟
(2) اسان ڪهڙي ٻولي ڳالهايون ٿا؟
(3) اسان ڪهڙي ٻولي پڙهون ٿا؟

مٿين سوالن بعد استاد ٻارن کي ٻڌائي ته سنڌي ٻولي سنڌ سونهاريءَ جي آهي ۽ اسين سنڌ ۾ رهون ٿا ۽ ان جو نقشو ڏيکاري ڪائنس نالو پڙهائي. استاد سبق جو

عنوان ”سنڌ سونهاري“ بورڊ تي لکي گهڻن ٻارن کان پڙهائي.

**پهرين پڙهڻي:** استاد رٿيل سبق آهستي آهستي ڍنگ ۽ صحيح تلفظ سان پڙهي ۽ ٻارن کي ڪتاب ۾ توجهه ڏيڻ لاءِ چوي. سبق پڙهڻ وقت سنڌ جي نقشي تان به ٻارن کي سمجهائجي ۽ سبق ۾ آيل لفظ نقشي تان پڙهائجن. جيئن جي سمجهائڻ لاءِ پڻ ڏيکارجن.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو ڀيرو درست نموني سبق پڙهي ۽ نوان لفظ وري چٽي ڀڃائي ۽ ڪاڻن نه چوائي.

**نوان لفظ:** استاد نوان لفظ بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي: سنڌو درياءُ، سمنڊ، سنڌ سونهاري، اولهه طرف، ڄجهان قطار، نقشو، ڏکڻ طرف.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو وري ڍنگ سان سبق پڙهي ۽ ٻار ساڻس گڏجي پڙهن

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار انفرادي طرح سبق پڙهن ۽ استاد موقعي آهر سندن رهبري ڪري.

**عملي ڪم:**

(1) استاد نقشي تان ٻارن کان هڪ ٻه سوال پڇي ۽ انهن جا جواب گهڻن ٻارن کان چوائي.

(2) بورڊ تي لکيل نوان لفظ ٻار سليٽن تي لکن.

**گهرو ڪم:** استاد ٻارن کي پڙهيل سبق گهران لکي اچڻ لاءِ چوي.

# سبق چوڏهون

## ننڍڙا، منڙا، ھٺا ٻار (بيت)

**مقصد:**

(1) بيت پڙهڻ جو استعمال ۽ رواني پيدا ڪرڻ.
(2) ٻولي،مان لطف حاصل ڪرڻ.
(3) ٻارن ۾ پڙهڻ لاءِ شوق پيدا ڪرڻ.

**امدادي شيون:**

ڪتاب ۾ آيل تصوير جو وڏو چارٽ.

**پڙهائڻ جو طريقو:** استاد ٻارن سان ڳالهه ٻولهه ڪري ۽ ڪائنن هيٺيان سوال پڇي.

**سوال:**

(1) توهان اسڪول ۾ ڇا لاءِ اچو ٿا؟
(2) ڪتاب ۾ توهان ڇا ٿا پڙهو؟

ان بعد اڳي پڙهيل ڪو بيت ٻارن کان پڙهائجي. بيت پڙهڻ تي ٻارن کي شاباس ڏجي ۽ کين چئجي ته توهان ”ننڍڙا منڙا سهڻا ٻار آهيو“. استاد اهي لفظ پاڻ پڙهي ۽ ٻارن کي پڙهائي.

**پهرين پڙهڻي:** استاد چارٽ سامهون ٽنگي ڪتاب ٻولي لفظن جي درست بيهڪ ۽ ٺڪ بنديءَ سان دلچسپ

نموني بيت پڙهي ۽ ٻارن کي ٻڌڻ لاءِ چوي. بيت پڙهڻ وقت استاد تصوير ڏانهن اشارو ڪندو رهي، جيئن ٻار بيت ۾ دلچسپي وٺن ۽ بيت پڙهڻ وقت ٻارن ڏانهن ٻه اشارو ڪجي ته جيئن هو خوش ٿين.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو دفعو بيت دلچسپ لهجي ۽ سُرَ سان ٻارن کي ٻڌائي جيئن ٻار بيت مان لطف حاصل ڪن. ٻه دفعا بيت پڙهڻ کان پوءِ هيٺيان نوان لفظ بورڊ تي لکي، مختلف ٻارن کان پڙهائجن.

**نوان لفظ:** وطن، تياري، لاچاري، سمجهه.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ دفعو وري بيت ساڳئي دلچسپ طريقي سان پڙهي ۽ ٻار ساڻس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** انفرادي طرح ٻار واري سان بيت پڙهن ۽ جن ٻارن کي پڙهڻ ۾ هٻڪ محسوس ٿئي تن جي استاد رهبري ڪري.

**عملي ڪم:**

(1) چئن چئن ٻارن جون ٽوليون ٺاهي واري تي ٻار بيت پڙهن.

(2) بيت جا نوان لفظ ٻار سليٽن يا ڪاپين تي لکن.

**گهرو ڪم:** استاد ٻارن کي بيت گهران ياد ڪري اچڻ لاءِ چوي.

# سبق پندرهون

## هڪٻئي جي مدد ڪرڻ

**مقصد:**

(1) سڪيل ٻولي جو ڪتاب ۾ ڪرڻ.
(2) بامقصد جملا پڙهڻ ۽ نوان لفظ سکڻ.
(3) ٻارن ۾ هڪ ٻئي جي مدد جو احساس پيدا ڪرڻ.

**امدادي شيون:**

ڪتاب ۾ آندل تصويرن جا وڏا چارٽ.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد ٻارن سان گفتگو ڪري ۽ کين تصويرون ڏيکاري انهن تي سولا سولا سوال پڇي ۽ کين اهو ذهن نشين ڪرائي ته گڏجي ڪم ڪرڻ چڱي ڳالهه آهي. تصويرن تي هيٺيان سوال پڇي مقصد ظاهر ڪجي.

**سوال:**

(1) هن تصوير ۾ ماڻهو گڏجي ڇا پيا ڪن؟
(2) هن تصوير ۾ ماڻهو گڏجي ڇا پيا ڪن؟

ماڻهو گڏجي ڪم ڪندا آهن. ان کي هڪٻئي جي مدد چئبو آهي. "هڪٻئي جي مدد" سبق جو عنوان بورڊ تي لکي استاد پاڻ پڙهي ۽ مختلف ٻارن کان پڙهائي.

**ٻهرين پڙهڻي:** استاد رتيل سبق آهستي آهستي صحيح

آچارن سان پڙهي ۽ ٻارن کي توجه سان ٻڌڻ لاءِ چوي. سبق پڙهڻ وقت استاد موقعي آهر تصويرون به استعمال ڪري.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو ڀيرو درست لهجي سان سبق پڙهي ۽ سبق ۾ ڪم آيل نوان لفظ ٻارن کي ورجائي ٻڌائي.

**نوان لفظ:** استاد نوان لفظ بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي: مدد، اڏيون، اٺون، ڪٺون، هڪبئي.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو وري ڍنگ سان سبق پڙهي ۽ ٻار سائس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار انفرادي طرح واري واري سان سبق پڙهن ۽ موقعي آهر استاد سندن رهبري ڪري.

**عملي ڪم:**

(1) استاد تصويرن تان ٻارن کان هڪ به سوال پڇي ۽ انهن جا جواب گهڻن ٻارن کان چوائي.

(2) بورڊ تي لکيل نوان لفظ ٻار سليٽن تي لکن.

**گهرو ڪم:** پڙهيل سبق گهران لکي اچن.

# سبق سورهون

## لڪ لڪوٽي

**مقصد:**

(1) سڪيل بولي ڪتاب ۾ پڙهڻ.
(2) بامقصد بولي پڙهڻ ۽ نوان لفظ سکڻ.
راند متعلق ٻارن کي معلومات ڏيڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب ۾ ڏنل تصويرن جا وڏا چارٽ.
(2) ڪپڙي جو ٽڪر.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد ٻارن سان آسان گفتگو ڪري هيٺيان سوال پڇي.

**سوال:**

(1) توهان ڪهڙيون رانديون ڪندا آهيو؟
(2) لڪڻ واري راند ڪهڙي آهي؟
مٿين سوالن بعد ٻار چوندا "لڪ لڪوٽي".
استاد سبق جو عنوان "لڪ لڪوٽي" بورڊ تي لکي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**پهرين پڙهڻي:** استاد صحيح تلفظ ۽ درست لهجي سان سبق پڙهي ۽ ٻارن کي توجه سان ٻڌڻ لاءِ چوي. استاد سبق

پڙهڻ وقت مهيا ڪيل تصويرون پڻ مناسب موقعي آهر استعمال ڪري.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو ڀيرو صحيح طريقي سان سبق پڙهي ۽ نوان لفظ ٻارن کي ورجائي ٻڌائي.

**نوان لفظ:** استاد هيٺيان نوان لفظ بورڊ تي لکي ۽ ٻارن کي پڙهائي:

لڪ لڪوٽي، پٽ، لڪون، ڪوڪ.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو وري ڏينگ سان سبق پڙهي ۽ ٻار ساڻس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار انفرادي طرح سبق پڙهن، ۽ جن ٻارن کي هٻڪ محسوس ٿئي، تن جي استاد رهبري ڪري.

**عملي ڪم:**

(1) استاد تصويرن ڏانهن ٻارن کان ڪجهه سوال پڇي ۽ لڪ لڪوٽي راند جو طريقو پڇي ۽ عملي طرح راند به ڪرائي.

(2) بورڊ تي لکيل نوان لفظ ٻار سليٽن تي لکن.

**گهرو ڪم:** پڙهيل سبق گهران سليٽن تي لکي اچن.

# سبق سترهون

## سنڙا گهوڙا اوري آءُ (بيت)

**مقصد:**

(1) بيت پڙهڻ جو استعمال ڏيڻ ۽ پڙهڻ ۾ رواني پيدا ڪرڻ.
(2) ٻوليءَ مان خوشي ۽ راحت محسوس ڪرڻ.
(3) ٻارن ۾ پنهنجي ٻوليءَ سکڻ جو شوق پيدا ڪرڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب ۾ ڏنل تصوير جو وڏو چارٽ.
(2) گهوڙي جي سهڻي تصوير.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد ٻارن سان آسان گفتگو ڪري ڪانئن سولا سولا سوال پڇي. سوال هن قسم جا هئڻ گهرجن.

**سوال:**

(1) توهان ڪهڙا جانور ڏٺا آهن؟
(2) هيءَ ڪهڙي جانور جي تصوير آهي؟

مٿين سوالن پڇڻ کان پوءِ استاد ٻارن کي پڙهيل "ننڍڙا منڙا سهڻا ٻار" بيت پڙهڻ لاءِ چوي. هڪ ٻن ٻارن کان بيت پڙهائي پوءِ استاد ٻارن کي ٻڌائي ته اڄ ڀاڱ منڙا گهوڙا بيت پڙهون ٿا، ائين چئي استاد بيت جو عنوان "منڙا گهوڙا اوري آءُ" بورڊ تي لکي، پاڻ پڙهي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**پهرين پڙهڻي:** استاد تصوير سامهون ٽنگي ڪتاب کولي لفظن جي درست، نيهڪي ۽ ڏڪ بنديءَ سان دلچسپ نموني بيت پڙهي ۽ موقعي آهر تصوير ڏانهن به اشارو ڪندو رهي جيئن ٻار بيت ۾ دلچسپي وٺن.

**ٻي پڙهڻي:** استاد پهرو دفعو بيت درست ۽ وڻندڙ نموني ۾ ٻارن کي پڙهي ٻڌائي، جيئن ٻار بيت مان لطف حاصل ڪن. ٻه دفعا بيت پڙهڻ کان پوءِ هيٺيان نوان لفظ بورڊ تي لکي مختلف ٻارن کان پڙهائجن.

**نوان لفظ:** سنج، تازو گاهه، وچندا، لغام، چهبڪ.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو وري دلچسپ نموني سان بيت پڙهي ۽ ٻار ساڻس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** انفرادي طرح ٻار واري واري سان بيت پڙهن ۽ جيڪي ٻار هٻڪ محسوس ڪن، تن جي استاد رهبري ڪري.

**عملي ڪم:**

(1) چئن چئن ٻارن جون ٽوليون ٺاهي واري تي ٻار گڏجي بيت پڙهن.

(2) بيت جا نوان لفظ ٻار سليٽن يا ڪاپين تي لکن.

**گهرو ڪم:** ٻار بيت گهران ياد ڪري اچن.

# سبق ارڙهون

## بدن جي صفائي

**مقصد:**

(1) سکيل ٻولي ڪتاب ۾ پڙهڻ.
(2) بامقصد جملا پڙهڻ ۽ نوان لفظ سکڻ.
(1) ٻارن کي صفائيءَ بابت معلومات ڏيڻ ۽ صفائيءَ جي فائدن کان واقف ڪرڻ.

**امدادي شيون:-**

(1) ڪتاب ۾ آيل تصويرن جو هڪ گڏيل وڏو چارٽ.
(2) ڪتاب ۾ آيل تصويرن جا ننڍا ننڍا چارٽ.
(3) صفائيءَ لاءِ ڪم ايندڙ ڪي شيون جهڙوڪ: صابڻ ۽ ٽوال وغيره.

**پڙهائيءَ جو طريقو:** استاد ٻارن سان آسان گفتگو ڪري تن تصويرن ڏيکاري ۽ ان جا سولا سولا سوال پڇي.

**سوال:**

(1) اسان کي اڃ لڳندي آهي ته ڇا پيئندا آهيون؟
(2) پيئڻ کان سواءِ پاڻي ڪهڙي ڪم ايندو آهي؟

سوالن کان پوءِ استاد ٻارن کي ٻڌائي ته سمجهڻ کي "بدن جي صفائي" چئبو آهي. استاد سبق جو عنوان "بدن جي صفائي" بورڊ تي لکي پاڻ پڙهي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**ٻهردين پڙهڻي:** استاد چارٽ ٻارن جي سامهون ٽنگي رسال سبق صحيح ۽ درست لهجي سان پاڻ پڙهي ۽ ٻارن کي توجه سان ٻڌڻ لاءِ چوي. سبق پڙهڻ وقت جملن جي مناسبت سان تصويرون به استعمال ڪجن.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو پيرو صحيح طريقي سان سبق پڙهي ۽ سبق جا نوان لفظ ٻارن کي ورجائي ٻڌائي.

**نوان لفظ:** استاد هيٺيان نوان لفظ بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي: ٻالڪي، ٽوال، صابڻ، ميڻي، اسڪول.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ پيرو وري پڻ سان سبق پڙهي ۽ ٻار به سڀئي گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار انفرادي طرح سبق پڙهن ۽ موقعي آهر استاد سندن رهبري ڪري.

**عملي ڪم:**

(1) استاد بدن جي صفائيءَ جو طريقو ٻارن کان پڇي.
(2) بورڊ تي لکيل نوان لفظ ٻار ڪاپين يا سليٽن تي لکن.

**گهرو ڪم:** پڙهيل سبق ٻار گهران ڪاپين يا سليٽن

# سبق اوڻيهون

## ڳالهه ٻولهه

**مقصد:**

(1) سکيل ٻولي ڪتاب ۾ پڙهڻ.
(2) نوان لفظ پڙهڻ ۽ لکڻ.
(3) ٻارن کي هڪ ٻئي سان واقفيت ڪرڻ جو نمونو ۽ گفتگو سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

ڪتاب ۾ ڪم آندل تصويرن جا وڏا چارٽ.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد ٻارن سان آسان گفتگو ڪري ۽ کانئن سولا سولا سوال پڇي ۽ کين نئين سبق لاءِ تيار ڪري. استاد مختلف ٻارن کان سندن نالو پڇي، سندن پيءُ جو نالو پڇي ۽ پوءِ ٻارن کي ٻڌائي ته هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ کي ”ڳالهه ٻولهه“ چئجي ٿو. استاد سبق جو عنوان ”ڳالهه ٻولهه“ بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي.

**پهرين پڙهڻي:** استاد ڪتاب جو سبق آهستي آهستي درست اچارن سان پڙهي ۽ ٻارن کي ڪتاب ۾ توجهه ڏيڻ لاءِ چوي. سبق پڙهڻ وقت ڪتاب ۾ ڪم آندل تصويرون به استعمال ڪجن.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو ڀيرو درست نموني سبق پڙهي ۽ سبق ۾ ڪم آيل نوان لفظ ٻارن کي وزجائي ٻڌائي.

**نوان لفظ:** استاد هيٺيان نوان لفظ بورڊ تي لکي، ٻارن کان پڙهائي: ڀاڱو، ٻيءَ، سڀاڻون، ڀاڳيري، رهندا.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو ڍنگ سان سبق پڙهي ۽ ٻار ساڻس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار انفرادي طرح سبق پڙهن ۽ استاد موقعي آهر سندن رهبري ڪري.

**عملي ڪم:** استاد ٻن ٻن ٻارن کي گهرائي پاڻ ۾ گفتگو ڪرائي. اهڙيءَ طرح ڇوڪريون پاڻ ۾ گفتگو ڪن.

**گهرو ڪم:** ٻار پڙهيل سبق گهران سليٽن تي لکي اچن.

# سبق ويهون

## جو ڪير پوکي، سو وير لڻي (بيت)

**مقصد:**

(1) بيت پڙهڻ جو استعمال ڏيڻ ۽ رواني پيدا ڪرڻ.
(2) نظم ۽ ٻولي مان لطف حاصل ڪرڻ.
(1) ٻارن ۾ پنهنجي ٻوليءَ سکڻ لاءِ شوق پيدا ڪرڻ ۽ ڪير جي فائدن کان کين واقف ڪرڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب ۾ آندل تصويرن جو وڏو چارٽ.
(2) ڳئون جي تصوير.
(3) ڪير پيئندڙ ٻار جي تصوير.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد ٻارن سان آسان گفتگو ڪري ۽ ڪانئن هن قسم جا سولا سوال پڇي.

**سوال:**

(1) توهان ڇا ڇا پيئندا آهيو؟

(2) ٻاڙ ڪير ڪهڙن جانورن جو پيئندا آهيون؟

مٿين سوالن ڪان پوء استاد هڪ ٻن ٻارن ڪان ڪتاب جو ڪو اڳ پڙهيل بيت پڙهائي.

ان بعد استاد ٻارن کي ٻڌائي ته ٻاڙ ڪتاب ۾ ڪير جو بيت "جو ڪير پئي سو وير ٿئي"، پڙهون ٿا. استاد بيت جو عنوان "جو ڪير پئي سو وير ٿئي" بورڊ تي لکي ٻاڙ پڙهي ۽ ٻارن ڪان پڙهائي.

**پهرين پڙهڻي:** استاد ڪتاب واري تصوير جو وڏو چارٽ سامهون ٽنگي ڪتاب کولي، لفظن جي درست ٻيهڪ ۽ تڪ بندي سان دلچسپ نموني بيت پڙهي.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو ڀيرو بيت درست ۽ وڻندڙ لهجي سان ٻارن کي پڙهي ٻڌائي، جيئن ٻار بيت مان لطف حاصل ڪن.

**نوان لفظ:** استاد هيٺيان نوان لفظ بورڊ تي لکي ٻارن ڪان پڙهائي: جوت، چُست، وڻيون، وڏون.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو وري دلچسپ لهجي سان بيت پڙهي ۽ ٻار ساڻس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار انفرادي طرح بيت پڙهن، ۽ جيڪي ٻار ههڪ محسوس ڪن، تن جي استاد رهبري ڪري.

**عملي ڪم:**

(1) جئن جئن ٻارن جون ٽوليون ناهي واري تي ٻار گڏجي بيت پڙهن.

(2) بيت جا نوان لفظ ٻار سليٽن يا ڪاپين تي لکن.

**گهرو ڪم:** ٻار بيت گهران ياد ڪري اچن.

# سبق ايڪيهون

## اسان جو ڪٽنب

**مقصد:**

(1) وڌيڪ ٻولي سکڻ ۽ لفظن جو ذخيرو وڌائڻ.
(2) بامعني جملا پڙهڻ ۽ نوان لفظ سکڻ.
(3) ٻارن کي ڪٽنب جي واقفيت ڏيڻ.
(4) پيءُ ماءُ جي مشغوليءَ بابت واقفيت ڏيڻ.

**امدادي شيون:**

ڪتاب ۾ آندل تصوير جو وڏو چارٽ.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد آسان گفتگو ڪري ۽ کانئن هن قسم جا سولا سولا سوال پڇي ۽ کين سبق جي عنوان کان واقف ڪري.

**سوال:**

(1) توهان جي گهر ۾ ڪهڙا ڀاتي آهن؟
(2) توهان جو پيءُ ڇا ڪندو آهي؟

مختصر سوالن، جوابن کان پوءِ استاد ٻارن کي ٻڌائي ته گهر ۾ رهندڙ سڀني ڀاتين کي گڏي ڪٽنب چئبو آهي ۽ پاڻ ڪتاب جو سبق "اسان جو ڪٽنب" پڙهنداسين. استاد سبق جو عنوان "اسان جو ڪٽنب" بورڊ تي لکي پاڻ پڙهي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**ڀرين پڙهڻي:** استاد چارٽ ٻارن جي سامهون ٽنگي، ڪتاب جو سبق صحيح اُچارن ۽ وڻندڙ لهجي ۾ پڙهي ۽ ٻارن کي توجه سان ٻڌڻ لاءِ چوي.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو ڀيرو صحيح طريقي سان سبق پڙهي ۽ سبق ۾ آيل نوان لفظ ٻارن کي ورجائي ٻڌائي.

**نوان لفظ:** استاد هيٺيان نوان لفظ بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي: رڌڻ، ٻچائڻ، محنت، عزت، ڪتب، دڪان.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو ڏينگ سان سبق پڙهي ۽ ٻار ساڻس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار انفرادي طرح سبق پڙهن ۽ جيڪي ٻار پڙهڻ ۾ هٻڪ محسوس ڪن، تن جي استاد رهبري ڪري.

**عملي ڪم:** استاد مختلف ٻارن کان ڪجهه سوال سندن ڪتب بابت پڇي.

**گهرو ڪم:** پڙهيل سبق ٻار گهران لکي اچن.

# سبق ٻاويهون

## منهنجو پاءُ

**مقصد:**

(1) سکيل ٻولي ڪتاب ۾ پڙهڻ ۽ ان جو صحيح استعمال سکڻ.
(2) بامعني جملا پڙهڻ ۽ نوان لفظ سکڻ.
(3). ٻارن جي دل ۾ پائرن لاءِ محبت پيدا ڪرڻ.

**امدادي شيون:**

ڪتاب ۾ ڪم آندل تصويرن جا وڏا چارٽ.

**پڙهائيءَ جو طريقو:** استاد ٻارن سان آسان گفتگو ڪري ۽ ڪانئن هن قسم جا سولا سوال پڇي ۽ کين سبق جي عنوان کان واقف ڪري.

**سوال:**

(1) تنهنجو نالو ڇا آهي؟
(2) تنهنجي پاءُ جو نالو ڇا آهي؟ (هاشم)
(3) هاشم تنهنجو ڇا ٿئي؟
آخري سوال جي جواب ۾ ٻار چوندو "منهنجو پاءُ" ٻار جي ائين چوڻ تي استاد بورڊ تي سبق جو عنوان "منهنجو پاءُ" لکي پاڻ پڙهي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**پهرين پڙهڻي:** استاد چارٽ ٻارن جي سامهون ٽنگي

ڪتاب جو سبق درست لهجي سان آهستي آهستي پڙهي ۽ ٻارن کي توجه سان ٻڌڻ لاءِ چوي. سبق پڙهڻ وقت موقعي آهر تصويرون به استعمال ڪجن.

**ٻي پڙهڻي:** استاد ٻيو ڀيرو سبق صحيح تلفظ ۽ درست آچارن سان پڙهي ۽ سبق ۾ ڪم آيل نوان لفظ ٻارن کي ورجائي ٻڌائي.

**نوان لفظ:** استاد هيٺيان نوان لفظ بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي: بازار، ڀاڄيون، گوشت، ليمون.

**اجتماعي پڙهڻي:** استاد هڪ ڀيرو وري ڏينگ سان سبق پڙهي ۽ ٻار به سائس گڏجي پڙهن.

**انفرادي پڙهڻي:** ٻار انفرادي طرح سبق پڙهن ۽ جيڪي ٻار پڙهڻ ۾ اٽڪ محسوس ڪن تن جي استاد رهبري ڪري.

## عملي ڪم:

(1) استاد مختلف ٻارن کان سندن ڀائرن بابت سوال پڇي.
(2) بورڊ تي لکيل نوان لفظ ٻار سليٽن يا ڪاپين تي لکن.

**گهرو ڪم:** ڪلاس ۾ پڙهيل سبق ٻار گهران لکي اچن.

# سبق ٽيويهون

## اسان جا ساٿي

**مقصد:**

(1) وڌيڪ ٻولي سکڻ ۽ لفظن جو ذخيرو وڌائڻ؛
(2) با مقصد جملا پڙهڻ ۽ نوان لفظ سکڻ؛
(3) انسان سان گڏ رهندڙ جانورن بابت ٻارن کي معلومات ڏيڻ ۽ انهن جي ضرورت بابت کين سيکارڻ.

**امدادي شيون:**

(1) ڪتاب ۾ آندل تصوير جو وڏو چارٽ.
(2) مختلف جانورن جي تصويرن جا چارٽ.

**پڙهائي جو طريقو:** استاد ٻارن سان آسان گفتگو ڪري ۽ ڪانئن هن قسم جا سولا سولا سوال ڪري. سبق جي عنوان ڪان کين واقف ڪري.

**سوال:**

(1) توهان جو گهر ڪٿي آهي؟
(2) توهان گهر ۾ ڪهڙا ڪهڙا جانور ڌاريندا آهيو؟

مختصر سوالن جوابن کان پوءِ استاد ٻارن کي ٻڌائي ته جيڪي جانور اسين گهرن ۾ ڌاريون ٿا، اهي اسان لاءِ ڪمائتا آهن ۽ اهي اسان جا ساٿي آهن. استاد سبق جو عنوان "اسان جا ساٿي" بورڊ تي لکي پاڻ پڙهي ۽ ٻارن کان پڙهائي.

**ڍھرڻ پڙھڻ:** استاد تصويري چارٽ ٻارن جي سامھون ٽنگي سبق صحيح اچارن ۽ درست لهجي ۾ پڙھي ۽ ٻارن کي توجہ سان ٻڌڻ لاءِ چوي. سبق پڙھڻ مھل ضرورت آھر تصويرون بہ استعمال ڪجن.

**ٻي پڙھڻ:** استاد ٻيو ڀيرو وڻندڙ طريقي سان سبق پڙھي ۽ نوان لفظ ٻارن کي بہ دفعا چٽي ٻڌائي.

**نوان لفظ:** هيٺيان نوان لفظ استاد بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙھائي: ننڍڙو، آڏر پاءُ، ڀرپدار، پرھ ڦٽي، جاڳندو.

**اجتماعي پڙھڻ:** استاد هڪ ڀيرو پاڻ سبق ڏيڻ سان پڙھي ۽ ٻار سائس گڏجي پڙھن.

**انفرادي پڙھڻ:** ٻار هڪ هڪ ٿي واري تي سبق پڙھن ۽ استاد موقعي آھر سندن رهبري ڪري.

**عملي ڪم:**

(1) استاد ٻارن کان تصويرن بابت سوال پڇي.

(2) بورڊ تي لکيل نوان لفظ ٻار ڪاپين يا سليٽن تي لکن.

**گھرو ڪم:** ڪلاس ۾ پڙھيل سبق ٻار گھران ڪاپين يا سليٽن تي لکي اچن.

# پڙهندڙ نسُل - پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڄرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاڙو، ياجوڪڙ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آس رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ۾ پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

ٻَئَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڪلٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڻَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)